راج گهاٽ
تي چنڊ

شيخ اياز



هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو.



راج گهاٽ تي چنڊ

شاعري

شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1987ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ذوانوي

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	جمالي پرنٽنگ پريس حيدرآباد.
پهريون ايڊيشن	آڪٽوبر 1987ع
ٽائيٽل، اسڪيچ ۽ ڪيليگرافي	فتاح هاليپوٽو
قيمت	40/- رپيا
آفسيٽ پيپر ۽ پڪي جلد سان	60/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

RAJ GHAT TE CHAND (Poetry) Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition October 1987. Price Per Copy Rs. 40/-

فهرست

عنوان	صفحا
مھاڳ	[10(x) - 1]
بيت	[17 - 13]
وايون	[110 - 31]
راج- گهاٽ تي چنڊ....	31
ڇا ھيءَ ساڳي ناوَ	32
” ناگپور تي وماں ۾ ھڪ رات“	33
” گوداوريءَ تي ٻاڪ“	34
بيڪس، ڪنئيو- روھڙي	35
جھٽ نہ جيئاں تو ٻنان	36
رابيل- رُت، مايا نگر	37
اڄان ٻہ آڏا	38
”١٩٨٧ع“	39
ڪلڪتو، ڪانڌي	40
ھي جي، آيا ھيٺ....	41
ٻڙ ۾ آھہ پچار	42
ھوءَ جا ڳجھي ڳال	43
ٿي منجھہ فرنگي-	44
ٿي ٻري ليٺن گراڊ	45
آيو سچ مٿان	46
ڌرتي! ٻس تو سان	47
انت تہ اڇٹو آنھہ	48
’تون‘ ٿي تون آھين....	49
تون تيرھن سؤ سال	50
آھہ ساڳي پارڪر-	51

عنوان	صفحو
سڪر! ڪالهه ڏنو هيو، تو جيڪو هيمون.....	52
هيمون ڪلاڻي،	53
ٿي ويا ناهر ڏنار	54
هاڻي تہ پري ناهي	55
هاڻي لڪڻ ڏليون	56
هي جي ڪيڏي ڪن	57
هو مون ڪان ڇا لاءِ ڏڪن ٿا	58
رات پر تنهنجي پڪار	59
ڏرَ تتي پيئي ڏڏي	60
رات، نڪارا ڳئا	61
ماڳ ڏسي جي مرڪن ٿا	62
”١٩٩٥ع“	63
سوسيون سبايو	64
آهن بند ڪِواڙ	65
ٿر ۾ چنڪي آهي ----	66
اوچتو ويندينءَ ملي	67
اج تہ اوچا آڪ	68
گنديون ڇپايو	69
هو آوچو آڪاش	70
جئن جئن گهٽي جاڙ	71
ڀڪي ٿي ڀڪرال	72
ڪالهہ هيا آڙنگ،	73
ڍو ٿيندا ڍاتيئڙا !	74
گجن ٿا گجگاٽ	75
ويل آن ساهي پٽڻ جي	76
مٿان وسي ماڪ	77
تاريون هيئن نہ ڌوڙ !	78

عنوان	صفحا
اوڳي اوچي ڳاتِ	79
مَنپ بہ تو وت مَنپ	80
ناهي ڪا نَتَڻي	81
ڏينڊي وڄُ وَڪَڙ	82
ِنوڙي ِنوڙي پيھُ	83
هي جو گيت اڌورو آهي	84
ڏرتي، مون سان وَڙ	85
آئي آڌيءَ رات جو	86
ڪيسين لِڪ لِڪي	87
جي تنَھن ڪائي وت،	88
وٺن پيا وات تي سورج مکيءَ گيت	89
پيو مينھَن وسي	90
برڪا رُت، آڌ رات ڇڇھري،	91
منھنجي سيني تي اچان	92
بادل ٿا پرسن،	93
توکي ڪئن ساريان	94
ڪھڙي ڪرڻڦل	95
اونهاري جون راتڙيون	96
اهڙي اڳ ڳٺي	97
آنيوءَ جو پَن پَن	98
سمنڊ جئن گرجا جا گھنڊ	99
ڪيترا ڏينھا برن ٿا، رات آئي،	100
نوري! مهاڏا	101
هي جو منھنجو ماسُ،	102
پوئين وير اَچي وئي آهي،...	103
ويئي ڙي ويئي	104
ڪيترو تو ۾ آهاءُ!	105

عنوان	صفحو
تون جڏهن گذرين ٿو واڙيون	106
ياد اچين ٿي تون	107
ميگهه - دوتَ تنهنجو	108
تنهنجي ڪَنجهي جڳن پريم	109
چنڊ جا پاڇي نہ پيري	110
گيت ۽ غزل	[113-119]
هيڪلڙو ، من هيڪلڙو	113
ايڏي چُپ آپار	114
ڳاءِ وري ڪجهہ ڳاءِ، باورا	115
ڏکڻ مينهن پيلي وسي	116
موت ڪي مات ڏني آهي ڪنهن	117
ساوريون نينگريون پنڌ ۾	118
پاڻ ڪان ڪنهن هرڻ جيان نہ پڇو	119
ٽي سٽا	[123 - 136]
نثري نظم	[139 - 167]
تون ۽ مان ان وقت مليا هئاسين	139
مون سپنو ڏٺو هو	140
اِن ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي	141
"گيتا، لنڊن ۾"	142
ڪونجن جو وڳر / اڏاڻو ...	143
لاڙ ۾/ ڪوئي ٻارڙو	144
آبد جي ڪباڙخاني ۾	145
"پيتائيءَ ڪي"	146
منهنجن لڙڻ ۾/چانديءَ جون تارون	147
مان پنهنجي رسالي تي جهڪيل آهيان	148
هي نيلو پيلو گهاگهرو	149
ڇا تون مون کي اجازت ڏيندين	150

عنوان	صفحا
مون کي ياد نہ آهي	151
هي ڪير آهي؟	152
سبط حسن	153
ڇا تون ماضيءَ جا دروازا	154
ماڙڙي پنيان/ آڏويهہ سو سٺيتاليهہ....	155
منهنجا ڪلها ڪسي رهيا آهن	156
منهنجي ديس جا/چين نواز اشتراڪي	157
جيئن ڪجين جا/پرپور گوشا	158
اڪويهين صدي شروع ٿي چڪي آهي	159
ٻڌين ٿو؟/شيون ڳالهائن ٿيون؟	160
سيڪريٽريٽ ۾/هو فائيل	161
منهنجون نظرون	162
هي ڪهڙو بسنت آهي؟	163
چين سيلاني/شيوسانگ	164 _ 165
هن ديس ۾ هڪڙو پن به	166
مون ليار جي وڻ کي چيو: ...	167
نظم	[171 _ 231]
ڪوڙ ڪئن ڪناري تي	171
باڪ ڦٽيءَ جو شعر لهن تا	172
اڃا اجهاڻل ڏيئو ناهيان	173
تون جو چڻ ڪنهن وقت ڏسين ٿي	174
پيار، تہ مون سڀ پيرا ڪيو آ	175
”لاهور جي انٽرنيشنل هوٽل ٻاهران“	176
شاعري طبيعت تي/ايترو تہ ڇانئي آ	177
چند رات اي ساٿي	178
آڏيءَ جي خاموش نگر ۾	179

عنوان	صفحو
دور ستارا پوڙها آهن	180
منهنجا گيتَ ڪڏهن اي ڌرتي !	181
ڪجهه به ٿئو اڄ پاسي مَن ڪي	182
چانڊني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي پوتن جيان....	183
سارو عرش منوّر آهي	185 _ 184
مرزا ”رسوا“ وانگر شاعر	186
”باس“	187
ڪيڏو ياد ڪيان ٿو توکي	189 _ 188
هيءَ تنڊ به امرت وانگر آ !	190
شهر سيلابَ ۾	191
”امير خسروؒ جي مزار تي“	192
”اڳڪتي“	193
لوهي دروازي تي تالو	194
”فلسطين جو گيت“	195
نعرو ڪو هٿيار نه آهي	196
هي سنڌوءَ جي چَر ۾	197
هي جو-انڌياري ڌرتيءَ تي راڄ ڪري ٿو	198
آزاديءَ لئه روز مرن ٿا/ ماڻهوڙا	200 _ 199
راڄ مهاڇڙ ڪوئي ناهي	201
’جو چوين ٿو/ سا حقيقت آهه شاعر‘	202
موت مسئلو ناهي	203
هي شاعر جيءَ لهرائن ٿا	204
پنهنجي جيڏري يارو	205
پنهنجي ڏاهه پرائي آهي	206
حڪمرانَ ڪي ڪونه مڃون ٿا	207
تنهنجون ڳهليون ڳالهيون ڇڙ ڪي	208

عنوان	صفحا
ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا	209
ڪالهه جڏهن مون واريءَ سي ۾	210
ٻاڪ ڦٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو	211
”اورنگيءَ ۾ فساد“	212
”اپريل 1985ع“	213
ٿرڊ ڪلاس جي گاڏي ۾ هوءَ	214
نظريا جن کي نظر ڪائي نہ آهي....	215
گهيرو/ گهاڙهائو/ ۽ گهر وارا	216
هي ڏيکارا/ رنگارنگ گلن جا پارا	217
ماڻهو سڀ هڪجهڙا آهن....	218
”دهشت پسند جو موت“	219
اڄ تن جي بندوقن مان	220
هي وڻ، جو ڪجهہ نيوڙي پيو آ	221
ون بہ ساڳيو واس بہ ساڳيو	222
”فاشي فوج جي شڪست“	223
عمر گذري وئي/دک هن ديس جا	224
انقلابي اٿو !	225
جيءَ جي جلاوطني	226
هو سڀ آڌيءَ رات اچن ٿا	227
رات جي سياهيءَ ۾	229 ـ 228
گيت بہ ڇڻ گوريلا آهن	230
ڇوت ڀرندي رهي	231
پڇاڙو	232

مهاڳ

اسان جي پياري دوست، شيخ اياز، جي شعر جو هيءُ تيرهون مجموعو آهي، جو پيش ٿي رهيو آهي. لڳ ڀڳ ست سال اڳ، 1980ع ۾، اياز جو ڇهون مجموعو، ”لڙيو سج لڪن ۾“، شايع ٿيو، جنهن ۾ ناشر طرفان ٻڌايل هو تہ ”شاعر شيخ اياز 1975ع جي شروع کان...... خاموش رهيو“، ڇو تہ فارسي شاعر ابوالفيض فيضيءَ جي بقول، اُن دور ۾ اياز جي ڇڻ اها ڪيفيت هئي، جو

باز گشتم از سخن زيراڪ نيست
در سخن معني و در معني سخن—

يعني ”شعر چوڻ کان باز آيل آهيون، ڇو تہ نہ شعر ۾ معنيٰ رهي هئي ۽ نہ معنيٰ ۾ شعر“. اياز جي اُن ڪيفيت جو اشارو هُن جي اُن مجموعي جي نالي مان ئي پڌرو هو، جيڪو لطيف جي ساڳيءَ ڪنهن اهڙيءَ ڪيفيت جي ترجماني ڪندڙ خود لطيف جي بيت مان هُن کنيو هو:

’لڙيو سج لڪن ۾‘ راسيون رتائين،
مون کي ماريائين، اديون اونداهيءَ ڪري!

اياز جي اُن شعري مجموعي کي شاعر جي ”انتهائي نراسائيءَ جو ترجمان“ چوندي، ناشر کي اُن مان نراسائيءَ کان وڌ شاعر جي ”ناخوشيءَ يا ناراضپي“ جي ڪيفيت محسوس ٿي هئي— ”ناخوشي يا ناراضپو، شديد کان شديد، ايترو شديد، جو اُن کان وڌ ڪنهن وصال جي تانگهہ، ڪنهن تبديل جو امنگ ۽ اُن وصال يا اُن تبديل لاءِ وڏيڪ ٻيءَ ڪنهن تيز آس جو اظهار شايد ئي ڪو ٿي سگهيو ٿئي.“

اڄ، 1980ع کان پوءِ، بلڪ 1982ع ۾ ”پتڻ تو پور ڪري“ جي اشاعت کان 1987ع جي سنڌس هن تازي شعري مجموعي ”راج - گهاٽ تي چنڊ“ تائين، پنجن سالن ۾ اياز جي ستن شعري

مجموعن جي تخليق ۽ اشاعت * مان پڌرو آهي تہ اياز جي اُها ڪيفيت ڪنهن شڪست قبولڻ ۽ فراريت ۾ پناهہ وٺڻ واري ذهن جي ڪانہ هئي، پر راهہ ۾ لهندڙ سج ۽ رات جي اوندهہ تي وجهڻ تي "سسئيءَ" جي ناراضپي، ڏک، ۽ ڪاوڙ جي ڪيفيت هئي، جن منزل ڏانهن هُن جي پنڌ ۾ رڪاوٽ ٿي وڌي. اياز پنهنجي اَن ڪتاب کي "ماضيءَ ۽ مستقبل" ڏانهن منسوب ڪيو هو— 'حال' ڏانهن' يا 'حال' ڏانهن بہ" نہ: اَن مان بہ اياز جي اهڙيءَ ئي پنهنجي 'حال' کان بيزاريءَ ۽ ڪاوڙ جي ڪيفيت جو اظهار ٿيو ٿي ۽ نہ سندس هار ڪائي ڪنهن ڪنڊ پاسي ويهڻ يا ڪنهن پڇي پاڻ محفوظ ڪرڻ جو.

وقت جو ڪرشمو واقعي بہ، هڪ طرح، اهڙيءَ نوعيت جو لڳي ٿو جڻ 'حال' آهي ئي نہ— رڳو 'ماضي' آهي ۽ 'مستقبل' آهي، ۽ ماڻهو 'حال' جو هر پل 'مستقبل' جي پل لاءِ پيو گهاري. اِن معنيٰ ۾ ماڻهوءَ لاءِ آس ۽ نراس، خوشيءَ ۽ ڪاوڙ، شڪست ۽ فتح جي بہ ڪا ڳالهہ ڪانہ ٿي آئي— هڪ لاڳيتي مجبوري هئي جنهن ۾ ماڻهو ڦهندو ٿي رهيو. پر هيءَ جو لطيف چيو تہ "ڪنهي 'ماضي' من ۾ ڪنهي 'استقبال'/ حيف تنهي جو حال، جن وساريو 'حال' کي!"— اِن جي معنيٰ ڇا؟ اِن مان تہ اِئين ٿي لڳو جڻ 'ماضيءَ ۽ 'مستقبل' جي ڳالهہ ڪانہ هئي، رڳو 'حال' هو— ۽ 'حال' ۾ ئي ماڻهو لڳاتار لوڙيندو ٿي رهيو!! برابر هيءَ وقت جي ڌارا، هيءَ وقت جو اڇهل سيلاب— ڪهڙيءَ بہ طرح اَن تي نظر رکجي— اِن جي اڳو ماڻهو پاڻ کي مجبور ئي ڏسي ٿو. پر حقيقت ۾، اَن اٽل مجبوريءَ ۾ بہ 'جيئڻ' جي ضرورت آهي، جا ماڻهوءَ کي ارادو ڏئي ٿي— ارادو آزاديءَ سان ۽ رڪاوٽن کان آجي جيئڻ جو، پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ جو— هيڪل ٽوڙي ڳڌجي، پر جيئڻ جو، ۽

* "پتڻ ٿو پُور ڪري" (1982) "ٽُڪرا ٽُٽل صليب جا (1984) "پَنَ ڇڻَ کان پوءِ" (1985ع)، "چنڊ چنبيلي ول" (1985ع)، "رڻ تي رم جهم" (1986ع) "ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي" (1986ع)، "راج گهاٽ تي چنڊ" (1987ع).

جيئڻ کي ماڻڻ جو . ائين ارادي سان روشن ’حال‘ جو رستو جڏهن، هلندي هلندي، ليڪن ۾ سچ لهي وڃڻ سبب، اونداهيءَ ۾ ٿو، ته ماضيءَ جو تجربو ۽ ڏر ’جبل مٿي باهه ڙي‘ — مستقبل جو سدا چمڪندڙ پرانهون آهو نشان — ٿي فردن توڙي قومن ۾ اڻ مڃڻ ۽ جيئڻ تان هٿ کڻڻ بدران، بهتر ۽ خوشتر جيئڻ جون جيئڻ جي جس ڪٿڻ جو، امنگ ۽ ارادو تازو رکن ٿا.

وقت ۽ زندگيءَ جي جبر ۽ اختيار جو هيءُ وستار ائين ۽ اِن ئي منطق سان جاري رهندو آيو آهي.

۽ ٻولي ۽ ادب، وقت جي مقابلي ۾، قومن جي اِنهيءَ جيئڻ ۽ جيئڻ جي ماڻڻ جي امنگ ۽ ارادي جا امانتدار، تربيت ڪندڙ ۽، مسلسل روايت طور، اُن امنگ ۽ ارادي کي نسل کان نسل تائين رسائڻ جا ثابت ۽ اڻ - کٽ وسيلا پئي رهيا آهن. اِن مان قومن ۽ انهن جي بامراد زندگين کي اٽوٽ سلسلو ملي ٿو، ٻولي ۽ ادب جنهن لاءِ تسبيح جي ڌاڳي جو ڪم ڏين ٿا.

ٻوليءَ ۽ ادب جي اِها حيثيت ۽ اِهو ڪارج تاريخي طور عام مڃيل آهي — اوائلي مذهبي برادرين (جيڪي جديد قومن جي وجود جون پهريون جماعت بنديون ليکجن ٿيون) جي ٻولين جي سلسلي ۾، مثلاً اُنهن جون مقدس ٻوليون: سنسڪرت، هيبريو، آوستا، پالي، يوناني/ لاطيني ۽ عربي وغيره؛ ۽ اُنهن کان پوءِ يا اُنهن سان شامل ۽ همعصر ملوڪيتي يا بادشاهي نظامن جي سلسلي ۾، جڏهن علائقائي حد بندين ۽ علائقائي ٻولين هرچند اُنهن مذهبي برادرين ۽ سندن مقدس زبانن جي جاءِ ورتي ۽ آهي لکيت ۾ اچڻ ۽ ماڻهن جون ادبي ۽ علمي ٻولين بڻجڻ شروع ٿيون؛ ۽ سڀ کان وڌيڪ جديد قومي جمهوري نظامن جي سلسلي ۾، جڏهن قومي رياستون وجود ۾ آيون، ۽ اُنهن جون قومي ٻوليون پنهنجي سڄي فڪري ۽ تخليقي معجزي سان قومن جي سڃاڻپ جا بنيادي نشان بڻجي پيون، جيئن اڄ آهي آهن.

قومي زندگيءَ ۾ قومي ٻوليءَ جي اِن اهميت ۽ اِن ڪارج جي ڳالهه ڪندي، تاريخ ۽ سماجيات جي هڪ عالم چيو آهي ته ”جيئن محبوب جي ڏسڻ لاءِ عاشق جي اک آهي، هُن جي

پنهنجي اڪ، اصلي اڪ، تيئن محب وطن لاءِ ٻولي آهي — سچي‌ءَ
هن جي قوم جي تاريخ کان هن کي ملي، هن جي پنهنجي اصلي
ٻولي، مادري ٻولي. اُن پنهنجيءَ ٻوليءَ وسيلي، جا هو جهڙي سان ٻڌي
ٿو، ماءُ جي هنج ۾ سکي ٿو، ۽ قبرستانن سان نئي ٿو، هو گذريل وقت
ياد ڪري ٿو، سهيوگي سنگ ۽ رفاقتون خيال ۾ آڻي ٿو، ۽ پنهنجا
هو آئيندي جي وقتن جا خواب لهي ٿو."

ٻوليءَ ۽ ادب جي اِها زندگي‌بخش روح‌افزائي ۽ اِها اُنهن
جي مسيحائي هر محب وطن فرد ۽ خاص طرح محب‌وطن قومي شاعرن
۽ اديبن جي واسطي سان قوم لاءِ سدا موجود، سدا زنده ۽ تر و تابنده
رهي ٿي. سنڌي ٻولي ۽ اُن جو ادب به اِنهيءَ طرح سنڌي قوم جي
پنهنجي جيئڻ ۽ جيئڻ جي ماڻهن جي اِرادي جدوجهد جي تاريخ جا
محفوظ طومار يا رڪارڊ آهن. ۽ انهن ڏي، خاص طور جديد قومي
سنڌي ادب لاءِ چئي سگهجي ٿو ته اهو سڄي جو سڄو اڄوڪي دور
جو، مخصوصن 1947ع جي تقسيم برصغير ۽ اُن جي نتيجي ۾ سنڌ
جي قومي ورهاڱي ۽ سنڌي قوم کي جنهن سياسي ۽ سماجي صورتحال
سان ٻه چار ٿيڻو پيو، اُن جو اهو شعوري ردعمل ۽ پورو ۽ سڄو تفصيل آهي.

مون پنهنجي ڪتاب "شاهه - سچل - ساميءَ" (1978) ۾
ارسطوءَ جو قول نقل ڪيو هو ته "شاعري فلسفي کان وڌيڪ فڪر-
انگيز ۽ تاريخ کان وڌيڪ سبق آموز ٿئي ٿي،" ۽ چيو هو ته اِها حقيقت
اِن طرح هئي، جو شاعريءَ مجموعي طور انساني فطرت ۾ زياده اونهو
ڏٺو ٿي – اُن جي خصوصيت بلڪ اُن جي عظمت جو دليل ٿي اهو
هو ته اُن اندر جي اسرار جي، ڳالهه جي اصل جي، 'اڪ-ن' جي نه پر
'روح' جي صورتگري ڪئي ٿي؛ ۽ پيو ته اُن پنهنجي دور تي، ۽ اِن
جي ماڻهن تي وڌيڪ حساس روشني وڌي ٿي ۽ اِنهيءَ ڪري اُنهن
سان زياده يڪدل ٿي اُنهن کي وڌيڪ چڱو ۽ صحيح سمجهيو ٿي.
اهڙين عظيم شاعريءَ جي توصيف ڪندي، مون وڌيڪ لکيو هو ته
اُن ۾ وقت جي حقيقتن جو سچو ۽ پورو عڪس موجود هجي ٿو، ۽
اُن خيال کان اُن ۾ تاريخ جي جهلڪ موجود هوندي آهي؛ ۽ ساڳئي
وقت ان ۾ حقيقتن جي تعبير به موجود هوندو آهي، ۽ اُن لحاظ کان

آن ۾ فلسفي يا حڪمت جي به جهلڪ هوندي آهي.

جڳ مشهور ادبي نقاد ٽي. ايس. ايليٽ جو چوڻ آهي ته "شعر ۽ ادب جي دنيا ۾ جيڪڏهن اوهين ڪنهن جدت ڪار (innovator) جي ڪاوشن کي تاريخوار ويهي جانچيندا ته اوهين هن کي سندس من جي ڪنهن اڄهل ڏُن ۾ مصروف ۽ قدم بقدم اُن جي پورائيءَ ۾ اڳتي وڌندي ڏسندا". جديد سنڌي ادب جو اڳرو ۽ جدت ڪار، اسان جو مهان اديب ۽ شاعر شيخ اياز اسان کي سندس سچيءَ اعليٰ تخليقي ڪاوش ۾ـــ پنهنجي ضبط ٿيل مشهور پهرئين شعري مجموعي "ڀونئر ڀري آڪاس" (١٩٦٢ع) کان وٺي، سڀني سندس نثري تصنيفن سميت، پنهنجي شعر جي هن زيرنظر شاهڪار، "راج گهاٽ تي چنڊ"، تائين ـــ اهڙيءَ ئي ڪنهن هڪ پنهنجي لازم ڏُن ۽ اڄهل جذبي جي تڪميل ۾ اڳتي وڌندو پيو معلوم ٿيو آهي. "پتڻ ٿو پور ڪري" جي مهاڳ ۾ يوسف شاهين لکيو آهي ته "نثري نظمن تي مشتمل هيءَ بي مثال ڪتاب شيخ اياز جي سڄيءَ زندگيءَ جي تجربن، ڄاڻ، مطالعي ۽ مشاهدي جو نچوڙ آهي...." دراصل اُهو اياز جي مطالعي جو نچوڙ به هُن جي پنهنجي اُن اندر جي جذبي، پنهنجي آئينديءَ جي هڪ خواب کي اڳتي نئي ٿو، جيڪو هن جي دل ۾ پنهنجن ماڻهن لاءِ موجود پئي رهيو آهي، ۽ جنهن ڏانهن هن جي سڄي شاعري ۽ بي هر ادبي ڪاوش مسلسل سفر ۾ رهي آهي. هن جي سڄي اعليٰ تخليقي ادبي اُپت، هن جا سڀ ادبي شاهڪار، زندگيءَ جي هم رنگ صورت جي مصوري هوندي به، اهڙا آهن، جو اُنهن سڀني ۾ هڪ يڪرنگي، هڪ يڪسوئي ملي ٿي. شاعر جي پنهنجي هڪ 'ڏور-نگاهه' (vision) هن جي هر نظم ۽ هر شعر ۾ موجود آهي، ۽ وچ ۾ ڪٿي، خاص طرح پنهنجي قومي حال ۾ مايوسيءَ جي خفيف عڪاسيءَ جي باوجود، جا حقيقت پسندانه ئي آهي ـــ اُن ۾ هزارها سالن جي تاريخ مستقبل جي اُن مثبت ۽ پُر-اُميد تصور سان وڃي ملي ٿي:

اهڙي اڳ ـ ڳڻتي
کهڙيءَ ڪوتا ڪي هئي؟
ڪنهن هٿن دانهن ٻڌي هئي
دکي ڌرتيءَ جي؟
ڇا اڳ ڏيهه ڏٺا هيا
ڏاهپ هٿن ڏمبري ؟
من ـ پيڙا جي ٻولڙي
ڪنهن هٿن ڪرلائي؟ (وايون، ص ٩٧)

سهڙي جا سيڪاٽ تي، ڪنوڻ سا ڪاڻوٽ
مٿان ڪانئو موٽ، ساري سنڌ ٻري پئي (بيت، ص٠ ١٦)

هي جو ريٽو رتو آ، ڪيسانو موريءَ،
آٿي ڪنهن ڪوريءَ، ڳاڙهي اٽت ڪيتري! (بيت، ص٠ ١٧)

او شل ٻڌي ٻوهه، ڪائي آ ڳ ٻري پئي،
لوهر ڦوڪي لوهه، رڪ ڪري ڪو پڌرو! (بيت، ص٠ ٢٠)

اڇي تو هيڪار موت ته سيني جي مٿان،
مٺي ناهه ميار، جي تون جيئين جس سان. (بيت. ص٠ ٢١)

هي سرءُ چاليهه سال!
روز ساڳيا ڏينهڙا!
سچ اُڀري ٿو، اُٿن ٿا سوچ ۾، ساڳيا سوال-
سچ الهي ٿو، سنهن تي ٿا ملن ساڳيا ملال-
ها، فقط سرها لڳن ٿا اڄ به ڌرتيءَ جا دلال-
هو وسنتي ويس پائي، ٿا هڻن ڪوڙا گلال-
ڪيترو تو لئه تڪيان؟ هائي پلاڻي آءُ پال!
روز ساڳيا ڏينهڙا!
روز ساڳيا ڏينهڙا!
روز ساڳيا ڏينهڙا! (وايون، ص٩ ٣)

ٿي ٻري لينن-گراڊ ـ
ٻم ٻرسن تا پياء
'اولگا' جي شاعريءَ ۾
اڄ ٻـــہ تازي آھہ ياد ـ ٻم ٻرسن تا پياء
اڄ ٻہ منھنجا ديس تو ۾
ڇـڻ تہ نازي بدنھاد! ٻم ٻرسن ٿا پياء
اي ڏکڻ! گهٽنڊين ڪڏھن تون
آءُ اي بـادِ مــــراد ـ بـم ٻرسن ٿا پياء (وايون، ص. ۴۵)

ڌرتي! بس توسانءَ
ماڻھوءَ ٻول نہ پاڙيا!
آڏيءَ مانجھيءَ گيت ٿو ڳايان آءٌ اڄان،
سپني منجھہ رچي وڃي ماڻھو نيٺ مٿان!
(ماڻھو سپنا ڏو آڏي پنھنجي رت ۽ پنھ مان)
رانئي جـرُ ڌرمُ آئيو ڳـاڙھو سـڄ مٿان! (وايون، ص ۴۷)

'تون' تي تـــون آھين
منھنجـي پـون آھين،
او آيل! او سنڌڙي!
منھنجي ساري ذات تون
منھنجي 'مون' آھين ـ او آيل! او سنڌڙي!
تون ئي منھنجا بيت آن
تـون وايـون آھين ـ او آيل! اوَ سنڌڙي!
اڄان نڪتي چونہ تون
ڪاھيءَ ڪوُن آھين؟ ـ او آيل! او سنڌڙي!
ويڙيءَ جي والارَ ۾
ڏينھن تہ ڏون آھين! ـ آو آيل! او سنڌڙي! (وايون، ص ۴۹)

بادل ٿا برسن
جيڏا، وري جهوڪ ٿي.
شاهه عنايت آپ مان، چمڪي ٿو چن چن،
نه تو سونگي سنڌڙي، نه تو ڏاڍي ڏن!
منهن منهنجي هٿڙا سدا شهيدن،
آهن اسان سان اڄان، مري جي نه مرن! (وائيون، ص ٩٣)

پيهي ڪوڙي رهڻ پهاڙن تي،
پٿرن جي ڪرڻ جيان نه پڇو!
رت روڪي وڙهو 'اياز' اڄان،
ڪانئرن جي پڄڻ جيان نه پڇو! (غزل، ص ١١٩)

سمجهو ٿا لوڪو!
راهه مرڻو ڪونهه آ،
مري ويو پيو ڪو. (ٽه سٽا، ص. ١٢٤)

اکيون پٽيو ڙي!
هيءَ جا باک بسنت جي
آئي جهٽيو ڙي! (ٽه سٽا ص. ١٢٥)

موت نه ڪاڏي مات،
وري سج لڏهو لهان
راهوڪيءَ تي رات! (ٽه سٽا، ص. ١٣٢)

ڇا تون ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهين ٿو؟
لاهور ۽ دليءَ جي رستن تان
رت ڌوپي، چڪو آهي،
۽ آها رت ويجهي آهي
جنهن ۾ مالتيءَ جا اڇا پشپ
من جي پوترتا وانگر ترڙي پوندا آهن... (نثري نظم، ص ١٥٤)

ڏور ستارا پوڙها آهن
چنڊ به پوڙهو آهي،
يا هو پوڙهو ناهي؟

هن ساري سنسار کي ڪوئي
چوڏاري ڪو لوڙهو ناهي
يا ڪو لوڙهو آهي؟

ديپ ٻُجهن ٿا ديپ ٻرن ٿا
ڏاڍو ڏور ڏياٽيون آهن
جي وسمه مان متنش ڏسن ٿا۔

وشيؤ جيئن ڪو مندر آهي
ڇا اِن ۾ ڪوئي در آهي؟

مورتيون ۽ سڀ پوڄاري
اِن کان ٻاهر ڇو نه وڃن ٿا؟

هون ۽ وشال لڳي ٿو، ليڪن
گهيرو ڪيڏو سوڙهو آهي! (نظم، ص- ١٨٠)

منهنجا گيت ڪڏهن اي ڌرتي!
ڇنه، تو کان ڪو مُلهه گهرن ٿا؟

مون کان پوءِ اهي اُئن لڳندا
اِندر مان جي چانڊوڪيءَ ۾
ڇڻ کي هڏڙا پکڙيل آهن۔

هڏڙا ڪنهن کان ڇا ٿا چاهين
ڇا ڪوئي سوچي، ٿو!
ڇا ڪوئي سوچي ٿو! (نظم، ص- ١٨١)

ڪنهن جو خون وهيو ڌوڙيءَ ۾
او ڏاڍا؟
تو ڪي ڪيئي سال مٽيءَ ٿيا
رُوم رُوم مان تنهنجي نڪتا
جيڪي ڪيڙا .
سي به مٽيءَ سان مٽي ٿي ويا.
ڪالهه مگر تو ڌوڙيءَ ۾
لڳ ڀڳ ساڳيءَ وردي ۾
ساڳي هولي کيڏي!... (نظم، ص ٢١٣)

وَنُ به ساڳو واسُ به ساڳو،
مَنُ به ساڳو ماس به ساڳو،
....
هڪڙي سان گڏ چونه جيون ٿا؟
هڪڙي کي سڏ چونه ڏيون ٿا؟
هڪڙي جو مَڏ چونه ٿيون ٿا؟ (نظم، ص ٢٢٢)

هو سڀ آديءَ رات اچن ٿا،
مڱرمانَ تي ناچ نچن ٿا.

مڱرمان جي چمڙي هيٺان
تن جون ڪيئي پيڙهيون آهن،
هڪڙي پويان ٻيڙهيون آهن
تن تي گڏجي هيٺ لهن ٿا،
دودي ٿائين، ٻاگهيءَ ٿائين.
ڪَنڌ ڪَنڌ ۾ ديپ جلن ٿا،
مڱرمان تي ناچ نچن ٿا.

جيڪي ڪالهه اُنهيءَ ڌرتيءَ تي
ماريا ويا ها، سي بہ اُٿن ٿا،

۽ ٻــوءِ پنهنجن پيـرن هيٺان
لاش چنيسـر جـــو چيپاٽــي
ڇاتــي ڪولـي، اوچــي ڳاٽــي
ڏاڪولن سان ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا
مگرمان ٿـــي ناچ نچن ٿــا. (نظم، ص: ۲۲۷)

.... اِن طرح، آءٌ هوند هن ڪتاب تان اياز جا سڄي جا سڄا نظم ـــ ”سارو عرش منور آهي/چنڊ ڳليءَ ۾ چمڪي ٿو....“ (ص ص ۱۸۴–۱۸۵)، ”ڪيڏو ياد ڪيان ٿــو ٻوڪيءِ/تنهائيءَ ۾/تون جو جيئڻ جو جس آهين/ڪير چوي ٿو ٻـوڻ ڪـس آهين!....“ (ص ص ۱۸۸–۱۸۹)، ”آزاديءَ لئـہ روز مـرڻ ٿيا/مـاڻهو ڏـڙا....“ (ص ص ۱۹۹-۲۰۰)، ”موت مسئلو ناهي/مسئلو حياتي آ....“ (ص ۲۰۳)، ”هي شاعر جـي لهرائن ٿا/ هي جيڪي آداب عـرض ڪن/جن ڪي ڪوبہ ضمير نہ آهي....“ (ص، ۲۰۴)، ”پنهنجي چيٺري پارو/انقلاب اڇٽو آ....“ (ص، ۲۰۵)، ”حڪمرانن ڪي ڪونہ مڃون ٿا/پوءِ بہ اسان محڪوم تہ آهيون!....“ (ص ۲۰۷)، ”ٻا ک ڦٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو/ ’وڪٽر جارا‘ ڪي....“ (ص. ۲۱۱)، ”عمر گذري وئي/ ڏک هن ديس جا/ اڄ بہ ساڳيا هئا....“ (ص. ۲۲۴)، ”رات جــي سياهيءَ ۾/روشنيءَ جي ڇهرمر ۾/ڪيترا نوان ماڻهو/سچ ڏي وڌن ٿا پيا....“ (ص ص ۲۲۸–۲۲۹)، ”جوت ٻرندي رهي..../رات ٺرندي رهي....“ (ص. ۲۳۱) پيش ڪريان ـــ بلڪ اياز جو ڪهڙو ڪهڙو بيت، ڪهڙو ڪهڙو شعر، ڪهڙو ڪهڙو نظم ۽ اُن جـو ڪهڙو ڪهڙو بند پيش نہ ڪريان ـــ جـي پنن تـي جاءِ جي گنجائش ڏسي سگهان، ۽ جي اِها خبر نہ هجيم تہ هيءُ سڄو ڪتاب، پنهنجي واقعي هڪ ايڏيءَ امر شاعريءَ سان لائق پڙهندڙن جــي آڏو پاڻ موجود آهي ۽ سنڌ جا محڪوم ۽ مظلوم باشعور ماڻهو ضرور اُن جي سٽ سٽ پـڙهندا ۽ اُن جــي ’ايجاز‘، ’ايما‘ ۽ عـلاماتي اَدا ۾ جيڪي معنيٰ جـي موتين جا انبار سندن آڏو آهن اُهي هـو پاڻ ئي ڏسندا ۽ گڏ ڪندا!

اياز جي هيءَ شاعري، اياز جي پنهنجي چوائيءَ، هن جي "زندگيءَ جي پوئين پهر جي شاعري" آهي. انهيءَ ڪري اُن ۾ لائق پڙهندڙن کي ڪٿي ڪٿي زندگيءَ جي اختصار ۽ اُن جي خاتمي کان پوءِ جي اوني جو اظهار به ملندو- جيئن مثلاً صفحي ٦٧ واريءَ وائي ۾:

ويل آن ساهي پٽڻ جي
موت، منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نہ آهين.
مان آئين ۾ ڪيئن رهندس
تون پڪلائي نانهہ پيون!

هو وسي تو وڏ - ڦڙو
سايون ٿين ٿر ۾ پٽون!

جي اچان موٽي تہ مون کي
ڪنهن هرڻ ۾ پاءِ تون!
موت منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نہ آهين.

يا، جيئن صفحي ١٧٣ واري نظم ۾:
اچان آجهاڻل ڏيئو ناهيان
تون جو اڇڙو آهين، آهُ!

تنهنجي ڪارڻ ليٽا پاتا
ساري رات جلي مون در تي،
ڪيڏو ڪارو اونداهو آ
پنهنجي تائين سانجهر تي!

چاڻ پرهہ جا پنڇي آڏريا!
تو ڙي پوئين آهي ويرا،

منهنجي جوٽ اڃان به ٻري ٿي
اڃا ٽڪيان ٿو تنهنجا پيرا.

اڃان به ساڳيو ليئو آهيان،
اڇڙو آهين جسي، تون آءُ!

يا، ”سارو عرش منوّر آهي“ (ص ١٨٤) واري نظم ۾:

....ڇا، هي منهنجو بستر آهي؟
جنهن وٽ ڪوئي روئي ٿو:
چي، ”هي شعر اڌورو آهي،
”ويٺي ڪالهه لکيائين ٿي جو،
”جهونگاري سوچيائين ٿي جو،
”پانيان ٿو اڻپورو آهي!“....

يا، جيئن ص. ٢٢٤ تي آيل سندس نظم:

عمر گذري وئي
دک هن ديس جا
اڄ به ساڳيا هئا
جي هئا مون ڏٺا
سال چاليهه اڳ،
ڪوبه ڦيرو نه آ
ديس جي دانهن ۾!....

١٩٧٦ع کان ١٩٧٩ع تائين، جي وائيس چانسيلريءَ واري دور ۾ ۽، اُن دور کان فوراً پوءِ واري ڪجهه عرصي ۾ به، نه لڳڻ سبب، اياز جي شعري آمد ۾ اُها رواني نه رهي هئي، تڏهن فقط نثري نظم ”پتڻ ٿو پورَ ڪري“ (١٩٨٢ع) وارا لکيا هئا. جيئن گروديو ٽئگور پنهنجي آخري دور ۾ ڪجهه ڪتاب نثري نظمن جا لکي، وري پنهنجيءَ منظوم شاعريءَ ڏانهن موٽيو هو. ٽئگور وانگر اياز جي اُنهن نثري نظمن ۾ اُها ڳالهه نه هئي جا شاعر مان متوقع

هئي. اُن سلسلي ۾ ايـاز مون کي پـاڻ ڏي ڇڪايو هوتـــ ۽ پڻي هڪ هنڌ آءٌ اِئين لکي به چڪو آهيان ـــ ته ڪيترو وقت هن جي تخليقي قوتن جا سرچشما بيٺل رهيا: ۽ اُن ڪري هن ڪٿي ڪٿي (نثري نظمن ۾) پنهنجي مطالعي جـو سهارو ورتو هو. پر اُن سان اياز جي اُنهيءَ پيشڪش جي به مخصوص اهميت کان ڪڏهن به انڪار نٿي ٿي سگهيو. يوسف شاهين اياز جـيَ اُن مجموعي کي علم ۽ فلسفي جي دنيا جو "هڪ عظيم شاهڪار" چوندي، شاعر جي ڪن سالن جي لڳاتار ماٺ کان پوءِ جي پهرين ۽ خوش آئند اشاعت طور "نئين نينهن جو نياپو"، "پرهه ڦٽيءَ جو پيغام" ۽ "من اندرجون ڳالهيون" سڏيو آهي ـــ "جن کي پڙهڻ لاءِ سچي دل ۽ اُجري من گهربل هئا، ۽ جن جي مطالعي کان پوءِ شيخ ايازجي سموري شاعري [پاڻ] وڏيڪ اثرائتي انداز ۾ پڙهي ۽ پروڙجـي سگهـي ٿي." اڄ ايـاز جي هـن "پوئين پهر جي شاعريءَ" ۾ به سنڌس اُن وسيع مطالعي ۽ جهان-گرديءَ جـون جهلڪون ملن ٿيون. هـن جـي مطالعيَ ۾ اِن طرح ڪيترا شاعر، اديب، فلسفي آيـل آهن، جن جو ذڪر هن هنڌ هنڌ پنهنجي 'اندر' جـي اظهار ۾ تمثيل (Allegory) طور ڪيو آهي- جيئن ڀٽائي، سچـل، بيڪس، اولگا پرگال (لينن گراڊ جـي شاعره)، ٽئگور (روي)، ڪڇي شاعره رتن ٻـائي، ڪاليداس، شاهه عنايت، ڪبير، فريد، بلي شاهه، روحل، ڀا ڳوپان، ويد وياس، گوئٽي، بيٿوون، مولانا آزاد، اصغر گونڊوي، مايوڪووسڪي، ڪنفيوشس، فيض، سبط حسن، دارا، شيوسانگ (قديم چيني عالم)، آلنڊي، امير خسرو، مرزا 'رسوا'، فيڊل ڪاسترو، وڪٽرجارا (هسپانوي راڳي ۽ شاعر)، وغيره. ائين ٿو لڳي ته شعر ۽ ادب جي ساري دنيا هن جي آغوش ۾ آهي، ۽ هن کي پنهنجي ديس، پوري برصغير ۽ ساريءَ دنيا جو فڪر آهي، ۽ تنهي جي تقدير ۾ ڪوئي رشتو آهي، ۽ اُن رشتي جـي بحاليءَ جي هن کي اڻ تڳ آهي، جيڪو رشتو هيڄ، غصي، خوف ۽ تاريڪ خياليءَ سبب ڇڄي، ڇيهون ڇيهون ٿيو پيو هو، ۽ جيسين اُن جا تنتل ڦيٿل ڌاڳا ڳولي، ڳنڍي جوڙي، سلجهائي ۽ صاف ڪري نٿا

سگهجن ٿيسين هن جي پنهنجي قوم ۽ دنيا ۾ ٻئي مظلوم انسان جي نجات ممڪن نہ هئي.

پڇڻ تي اياز مون کي ٻڌايو تہ پاڻ سڄو هيءُ شعر، جيڪو هن مجموعي ۾ پيش ٿيل آهي، سواءِ اُن جي ٻن چئن نظمن جي، مارچ ۽ اپريل ۱۹۸۷ع ۾، روزانہ علي الصبح چئين وڳي کان ڇهين وڳي تائين ڪم ڪندي جوڙيائون؛ ۽ پڻ ٻئي شعر جو سندن مجموعو، ”ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي“ بہ، ائين آگسٽ سيپٽمبر جي ٻن مهينن جو تخليقيل؛ وٽن تيار آهي، جو عنقريب شايع ٿيڻ لاءِ ڏنو ويندو.

راتين جو جاڳي، صبح جنئي پهر ۾ پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جي پابزنجير ۽ ڏکاريءَ زندگيءَ تي ائين ڪُرلائڻ جا آثار اسين اياز جي هن تخليق ۾ ڏسي ۽ پڙهي بہ سگهون ٿا:

رڻ-پارڻ ٻاري ويا، آڌيءَ اُٿي جي،
ساري ٿي تن کي، اڀري باک بسنت جي. (بوٽ، ص. ۱۴)

رات پير تنهنجي پڪار
ننڊ ڪٿي نيندي رهي،
آڌ ڌرتي سرخ ٿي وئي، ايترا آيا بهار!
ڪويلون ڪوڪن پيون، ڪوئي تہ ناهي چپ يار!
ڇو اچان گلنار ناهن، روح تنهنجي جا آنار؟
تُو ڇڪين ڇوهي جيان، مون کي پراهين ٻار يار!
(وايون، ص۵۹)

اُٿي آڌيءَ رات جو
تو لئہ ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏيهہ جا.
ڦڙا ڦڙا ماڪ جا
جڏهن ڦلن جهولڙيون،
تو لئہ ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏيهہ جاه

جڏهن تو لاءِ سڳنڌ جهڙيون
ڪيئي ڳليون ڳولهيون،
تو لئه ٻولن ٻولهيون
پکي ڪي پرڏيهه جا.
پنهنجي ڪيچ ڪوهيارن جا
ريڪون نيٺ رتولڙيون،
تو لئه ٻولن ٻولهيون
پکي ڪي پرڏيهه جا. (وايون، ص ٨٦)

باک ڦٽيءَ جو شعر لهن ٿا
مون تي سچ اُماهه ڪري؛
رت اُڀڙڪا ڪاٺي ٿو ايئن
ڏينهن تنهنجو جيئن ٿاهه ڪري!
سارو وقت ته رهندو ناهين،
ويندو آنهه سماءُ ڪري!
ڪيسين ڪوءِ ڪلالن جي ۾
منهنجي ذات هڳاءُ ڪري؟
آءُ تــه آدرياءُ ڪري ڪو
تنهنجو آدرياءُ ڪري! (نظم، ص: ١٧٢)

باک ڦٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو
'وڪٽر جارا' ڪي.
هي جو چلّيءَ جو راڳي آ
منهنجي پياءُ جيان آ،
اُن جي دکياري ڌرتي چڻ
منهنجي ماءُ جيان آ.... (نظم، ص: ٢١١)

اياز جي شعري فن تي لکندي، ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“
(١٩٧٠ع) جي مهاڳ ۾ مون چيو هو ته ”اياز پنهنجي ادبي تخليق

جي فني اوچائيءَ جا سنڌا پاڻ قائم ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي انهن کان متي اڀري ٿو؛ ۽ پوءِ مون هن جي ”ساڌن ۽ سهڻن لفظن ۽ آنهن جي چونڊ ۽ پوري پوري استعمال“ جو ذڪر ڪيو هو، ۽ لکيو هو هن جي ”شعر جي نغمگيءَ ۽ اُن جي دلبرانه انداز“ بابت، ۽ هن جي ”نماڻن ۽ نزاڪت ڀرين وزنن ۽ بحرن“ بابت، ۽ پڻ ”ڊگهن بحرن ۽ انهن جي جولاني ترنم“ بابت، ۽ ”هوا کان هلڪن رديفن ۽ قافين، ۽ هندي ڇند جي بنهه معصومانه ۽ من موهيندڙ استعمال ۽ لوڪ گيتن جي ڏنن ۽ انوکين علامتن ۽ اشارن“ بابت، جن سان هن جا پڙهندڙ هن جي آڇيل معنائن جي موتين سان پنهنجا جهول ڀري ٿي سگهيا ۽ سنڌن دل ورائي ورائي هن جي شعرن ٻڌڻ لاءِ آتي ۽ زبان آنهن جي نغمن کي وري وري جهونگارڻ لاءِ تيار رهي ٿي. اياز جي هن تازي ڪلام جي فني اوچاين لاءِ پڻ آءٌ اِهوئي ڪجهه چئي سگهان ٿو. اياز جي شعري اظهار ۾ مون هميشه هڪ ڳالهه ڏٺي آهي، جنهن کي آءٌ جذبي جي ڌارا (Stream of Passion) ٻه چئي سگهان ٿو، شعور جي ڌارا (Stream of Consciousness) وانگر. ادب ۽ فن جي ڪاوش ۾ جڏهن اِهي ٻه ڌارائون گڏجن ٿيون، يعني جڏهن شعور جي ڌارا کي جذبي جي ڌارا —— آمنگ، آتساهه، عشق جي ڌارا —— ميسر اچي ٿي (جنهن کي ٽي. ايس. اِليٽ ”اندر جي ڏُنَ“ ۽ اسان جي لطيف ”اندر جي آگ“ چيو آهي)، ۽ پوءِ جيتر اهي ٻئي ڌارائون ڪنهن اديب ۽ شاعر سان شامل حال هجن ٿيون، تيتر جيڪا تخليق وجود جي ٿي، آها پنهنجي اظهار لاءِ ڪنهن خاص ڪوشش يا اگهڙتا جي ٻـ محتاج نٿي رهي. ائين ئي اياز جا ڪيترا نظم آهن جن جي ڪائي مقرر يا ٻڌل صورت (fixed pattern) نه آهي، جي پوءِ به پنهنجي فني تڪميل ۽ منطقي نتيجي تي پهچن ٿا، ۽ پوري آب تاب سان پهچن ٿا؛ ۽ توڻي جو آنهن جي وچ جون سٽون هم قافيه نه آهن ۽ انهن جا ڪي پادَ يا مصراعون به ناتمام هجن ٿيون، ته به انهن ۾ ترنم ۽ تاثر پابند شاعريءَ کان به وڌ ملي ٿو؛ آنهن جون تشبيهون ۽ استعارا بنهه نوان، جن

جي نوان ٻه نئين ڪان نئين، ڪاڻ انهن جي سٽ اجائي ۽ ڀرتيءَ جي نه — ته ٻه معنيٰ جي ايتري آوَليت، جو انهن جي ٻوليءَ جو حسن ۽ خوبي ثانوي ڳالهه ٿيئي پاسي. ان طرح جني فطري شعر جي هر صنف — بيت، گيت، وائي، ٽه سٽي، نظم، نثري نظم — تي شاعر جي ڇاپ هجي ٿي، ۽ شاعر جي نالي جي خبر نه هوندي به ڏسي ۽ پڙهي، چئي سگهجي ٿو ته اهي اياز جا شعر آهن.

منهنجي ويچار ۾، اهڙ اياز جا اِن شعور ۽ جذبي جي ٻاهمي ڪيفيت جا، تخليقيل مثالي ٻه نظم—"ڪالهه ڪڏهن مون وارياسي ۾/...." (ص ۲۱۰) ۽ "گيت ٻه چڻ گوريلا آهن/...."(ص ۳۰) هتي لائق پڙهندڙن جي آڏو آڻي ٻه سگهان ٿو. پهرئين نظم ۾، خاص طرح آن جي آخري ڇهن سٽن جي بند ۾، شاعر ڏاڍي هڪ دلنواز انداز جو اندروني ترنم حاصل ڪري سگهيو آهي— جيئن بند جي ٽينءَ سٽ جي لفظ 'فلسطين' جو قافيو اُن جي ستينءَ سٽ جي آخر ۾ 'جيسين' آهي، پر ان کان پوءِ باقي بند ۾ قافيو ڪونه آهي، ۽ رڳو 'حسرت'، 'فلسطين'، 'ياسر'، 'شارا' ۽ 'ڏسي' لفظن ۾ اندل 'سين' (س) جي آواز ۽ ساڳيءَ طرح 'حسرت'، 'ياسر'، 'عرفات'، 'شارا' ۽ 'رتو رت' ۾ آندل 'ر'، ۽ 'حسرت'، 'فلسطين'، 'عرفات' ۽ 'رتورت' ۾ 'ت'/'ط' جي تڪرار (Repitition) سان ترنم پيدا ڪيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح ٻئي نظم ۾ آوازن 'گ'، 'ر'، 'ج'، ۽ 'ڙ' جي تڪرار ۽ پڻ اندروني هم قافيائي لفظن 'جاڙ'، 'آڙ'، 'پهاڙ'، 'تاڙ'، 'لاڙ' ۽ 'آ-کاڙ' سان نظم جي ترنم ۽ تاثر کي عروج تي پهچايو ويو آهي. اِهي تجربا ڪڏهن مغربي شاعريءَ ۾ ملندا آهن، ته اُنهن جا نقاد هوندا آهن، جي شاعر تان ٻلهار ويندا آهن. اياز جي سڄيءَ شاعريءَ ۾ اهڙا سوين مثال موجود ڏسي سگهجن ٿا.

اياز جا اِهي هيٺ ڏنل ٻه نظم، جتي هن جي شعري فن جا ۽ آن جي تمثيلي انداز جا، ۽ هن جي شعور ۽ جذبي، ذهن ۽ قلب جي فطري امتزاج جا نمائنده مثال آهن. اُتي اهي سنڌس مجبور وطن ۽ محروم ۽ ستم رسيده قوم جي شانائتي ۽ جس ڀرئي جيئڻ

لاءِ مٿن تاريخ جي عائد ڪيل جدوجهد جي طويل ۽ مشڪل رستي جي ڳالهه به ڪن ٿا؛ اسان جا محب وطن ۽ عوام دوست اديب ۽ شاعر اڄ اسان لاءِ اهڙوئي ڪجهه ڪري سگهن ٿا؛ ۽ اڄ اهوئي فرض ادا ڪرڻ ڪان انهن کي غافل رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ جاهه ۽ جلال جا صاحب ۽ ملڪ ۽ مال جا مالڪ، هم تن ۽ ڪل جهت مصروف نظر اچن ٿا:—

(۱)

ڪالهه جڏهن مون ورياسي ۾
ڳاڳيون، ڳڙم ڳنڊيرَ ڏسي،
سچ جي پاڇي ڏانهن ڏٺو،
سونَ وَنَ ساوڻ هئي
منهجن ڦيري جهڏانهن ڏٺو.

تيسين تي تهڏانهن ڏٺو
سارو سچ پڌي ويو جيسين،
حسرت سان ڪنهن وقت فلسطين،
جئن ياسر عرفات ڏسي،
چپَ ائين پيڪوڙي پنهنجا
سارا رتو رتُ لڳن!

(۲)

گيت به چڻ گوريلا آهن،
جي ويريءَ تي وارَ ڪرن ٿا

جئن جئن جاڙ وڏي تي جڳ ۾
هو بوليءَ جي آڙ ڇپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا
موتي منجهه پهاڙ ڇپن ٿا؛

ڪيڏي ٽِرڇي ٽاڙ رکن ٿا
اُتر اُپري لاڙ ڇپن ٿا؛
ساوڻ سنگ وسن ٿا ڏاڍو،
بادل ٿي آڪاڙ ڇپن ٿا.

ڪالهه هيا جي سرخ گلن جهڙا
اڄڪلهه نيلا پيلا آهن:
گيت ٻڌ جي گوريلا آهن
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

— محمد ابراهيم جويو

حيدرآباد سنڌ
نومبر ٢٠، ١٩٨٧ع





رڻ - ٻارڻ ٻاري ويا، آڌيءَ اُتي جي،
ساري ٿي تن کي، اُپري باک بسنت جي.

آڙيا کٻن اُڀاءَ، هيٺان هبانءَ جهڪي ڪري،
نيٺ ته ورندو واءُ، نيٺ ته ڦرندا ڏينهڙا.

رڻ پٽ تي ريڍار، مٿان تارن ٽمڪڙا،
رڙون ڏارون ڏارَ، شبل ڪو اُڀري ڏينهڙو!

ڏکڻ کان آيا، اُتر تي اوتون ڪري،
پنهنجا پرايا، ويري منهنجا واهرو.

ڦرندا ڦرندا ڏينهڙا، ساگيا نه رهندا،
اچن ٿا ڪهندا، ڪارا ڪڪر ديس تي.

آيا ڪارونڀارَ، ڦري ويا ڏينهڙا،
ڪيڏا باغ بهارَ، ٿوٿي درتي ديس جي!

'اڄ هو منڊ مليرتي، آئي ڪي آئي'،
وائي سوائي، منهنجيءَ ڏکيءَ ذات جي.

توکان ملڪ کان سوا، مٿان آهه مران!
ڏنو آنءَ ڏران، ڏاڍو ويجهو آنهه تون.

اچين ٿو اونارَ، جهوڙا سٽي جهڪن پيا،
تڪي تنهنجا پارَ، ڪاتيم ڪيڏيون راتڙيون!

ايندين، ايندين اوچتو، پڻ ايندين پاڻ،
ڏکيءَ ڏيندين ڏاڻ، پنهنجو پاند پناهه جو.

ٿي ڪو چپر چٽ، پير پنا مون پنڌ ۾،
هي جو منهنجو گهٽ، اڄ ته ڪجهه اوري ٿئي.

اڇين پيو تون، پرين پنهنجي پار ڏي،
اڳ نه ڏٺو مون، توکي ايڏو ويجهڙو!

اڇا نه آيا، پنهنجا وچڙ ڏينهڙا،
لايا سجايا، اڇا آهن ذات جا.

واريءَ سنڌو پنڌڙو، پورو نه ٿيندو؟
ڇا هو نه ايندو، جنهن آئي مون سڪ ٿئي؟

مٿان تو ميار، اڇا منهنجي آ ميان،
پهچين پهچنهار، جڏهن مون کي پنڌ ۾!

اڇا ٿا چاهين، پڙڙي پهڙائيو ٿيون،
اڇا ڪجهه آهن، ساٿيا منهنجا سانيرو.

ڳل ورنيون گجراتيون، ڪراچيءَ جي شام؛
هي به ته منهنجا عام، توڙي سي نه سنڌ جا.

توڙي ٻوليءَ ٻي اٿن، پنهنجا ئي آهن،
مون جئن ٿا چاهين، سڀ ئي ساڳي سڄ ڪي.

هيءَ ساڳي تاريخ آ، سڀ جي شڪاري،
مان ۽ ٻهاري، سپني رولا رڄ جا.

ائين نه اچي، اوچتو، تدي ڦير ٿرن!
اڇا مونجهه مرن، پيارو پل ته ملير ۾؟

ڇا ڇا منهنجي مَن ۾ آهي اڄ اڌرات جو،
ٻيون چنڊ چمن، چوڏس چڙهيو لهريون،

ٻاٻيها ٻهارَ، ڪڏهن ويندين ڪيچ ڏي؟
ڇا هُو منهنجا يارَ، اڃا آهن جيئرا؟

ٻاٻيها ٻهارَ، ڪڏهن وسندا مينهڙا؟
ٿر تي لال لبارَ، ٽِڙي پوندا اوچتو.

وري وَڳهه ڪوٽَ، ڪڏهن وسندا مينهڙا؟
ايندا ڳاڙها گهوٽ، دودا منهنجي ديس جا.

اِئين اچو آگمو، گوڙَ ڪري گهمسانَ،
ڪلهه جئن ڀا ڳئو ڀانَ، ڳاتا هيا دوهڙا!

چِتيل چُنيءَ جيئن ڪا، روپا ماڙيءَ تي،
ٻيهر شال اچي، آزادي هِن ديس ۾!

ڪٿي ڪٽان ڪيترو، پيرين پيراڙيون،
وَسيون اُجاڙيون، جن ويندي هِن جُوءِ جون!

او شل لهن اوچتو، ڏولاوا ڏيهن،
پرين شل پيهن، ساهُه ڪٿون ڪو سُک جو.

آئن جهاپا جهالوان، او شل ڏسان آنءُ،
وِنان تنهنجو نانءُ، گوتجن پهڻ پٻ جا.

آمڙ ڏاج رڱائيا، تنهنجي لاءِ ڪنوارِ،
پوري هانءُ نه هارِ، ويجها ڏوليءَ ڏينهڙا!

اهڙي ڪنا گجگوڙ اڄ، ٻاچا ڪڪر ڪڪر،
جيئن ڏٻي ڏر، ڪرن ڪوٽ ڪلوز جاه

چڙيءَ چڙي چمڪ ۾، متان ڪيو مان،
توڙي ڪائنهون ڪاٽ، سار اوهان جي ساهه ۾.

آهوئي آهيان، متان پانيو ڪو ڀيو،
اڃا ٿيو ناهيان، گاهون گاڙهي سڄ جون.

گسن گل ڦل مورجن، جيسين وسن مينهن،
تيستين ڏکيا ڏينهن، ڪيئن ٻيه آهن ڪاٽڙا.

چئجي ڪيئن آلا، ڪڏهن ايندا پيار ڪيو!
سپن ننڊ نه آ، ساري رات سمهونڊ ۾.

مون هوندي مون وينتي، او شل اگهائين،
او شل موٽيائين، ميٺا ماڻهو ڏيهه جا!

مٺا مرڪن ٿا پيا آئيندي جي اوٽ،
هوجي گهڙيءَ گهوٽ، ڇڏيون سارينديون گهٽو.

سورج پرج ساڪن، آءٌ نه اڇهاٽو ڪڏهن،
منهنجيءَ لوئيءَ لاڪن، سدا گاڙهيءَ باڪ جئن.

شهري جا سيڪات تي، ڪنوڻ سا ڪاٺوت،
متان ڪائو موٽ، ساري سنڌ پٽراي پئي.

آيا اوهيڙا ڪري، ميٺان مون ماڻيدان،
ٻيهر ٻيليءَ پاڻ، ٻيرڪما رت جا ڏينهڙا.

مٿان ڇٽو ناهه ڪا، ڳاج مٿان ڳرنار،
سانوڻ اڄ سنگت ڪئي، پيچل سان پيهار،
ڇوڏاري چمڪار، آيا ڪنوڻ ڏينهڙا.

وسُ اڃا ڪجهه وسُ، موتي وڄ نه مينهڙا!
آتي ڳاهه ڦٽي پوي، جتي گوندر ڳسُ،
وري ڏاهن ڏسُ، وسي ڪنهن وڏڪار سان.

هي جي شير شهيد ٿيا مري نه جيڪي مات،
تارن تن جي تات، ساري رات سٿاو ۾.

هي جي شير شهيد ٿيا، ڪيسانو موريءَ،
پڌا ريتي رت جي، ڏورانهين ڏوريءَ،
ڏرتيءَ ڪکوريءَ، سانڍيا پنهنجي سيناهي ۾.

هي جو ريتو رت آ، ڪيسانو موريءَ،
آٿي ڪنهن ڪوريءَ، ڳاڙهي اٿيت ڪيتري!

هي جو رت ابوجه آ، انهيءَ جا امڪان،
نه ڇاتا نادان، اڃا پنهنجي ڪيپ ۾.

سوپ ڪٿي سڙها ٿيا وارو وڃائي،
ليٽڙيون پائي، رانول پنهنجي رت ۾.

سر سرچو سائيهه سان، متيءَ سان ماٺو،
ڪونهي تنهن ڪاٺو، اوچو آهي آپ ڪان.

ترقي ٿو تاريخ ۾، اڄ ٽپو ڪندو،
آزاديءَ جو آ اڄ، پر ڪيڏو پنڌ!
هيءَ اُنهن جو هنڌ، مري جي ماهو^ ٿيا.

جيسين اُنهن اوچتو، سوپ ڏٺي سائين،
متان ائن پائين، ماريءَ موت ڦٻي ويا!

ٽيڪ اندر تاريخ جي، جي تون سمائين،
متان ائن پائين، سارا لاش لڙهي ويا!

هي جو ڦڙو رت جو، وڏي تنهن جي وٿ،
متان ڪرين ڪٿ، سوپ نه آهي سٿري!

سوپ نه آهي سٿري، مگهي سگهر ٿوڪ،
لوڻ لوڻ واري لوڪ، مرن ٿا ان ماڳ ۾.

هي جي جهجها جهڙ ٿيا، مٽيءَ مهڪ آئي،
ڌرتي رت رتي، ڦولي لال ليار جڳن.

ڪلها ڪاله ڪڪوريا، جيئين ڏاڙهن ڏار،
مري مٺيا يار، ويڙها سپ واسي ويا.

آهن آتيءَ رات جو، واڪاڻيون وير،
نيڻن مان نير، گهاتيون تن جون گهالهڙيون.

ڏڙيو ڪٺن ڏار، سر اُنهن جا سوپ ۾،
مري مٺيا يار، ويڙها سپ واسي ويا.

سيڪو سوچي سوپ جو، سوپون هٿ نہ سوچ،
وَرُ هيءَ تن جي لوچَ، پلئہ پل جيڪي پوي.

آڏر آڏر ڪونجڙي ڪرڪي مٿان ڪڇ!
اِجهو آرڏي آچ، لنئي ڪاري تر تي.

اوشل ڪرين اوچتو، اکين سان اُپڪارَ،
اچ تون اچُهارَ، تو لئہ تڪيان ڪيترو!

چنڊُ پري تو چيٽ جو، سونُ ڪٽوريءَ جيئن،
اگي نہ ڏٺو ايئن، مون پنهنجي آدرش ڪي.

آتر ڪونج نہ ڪُڏڪندي، پيهر مون ڪان پوءِ،
مون سان ساري لوءِ، وَلر لئہ وايون ڪري.

پکين منجهہ پچار، ڪٿ ڪالهوڪيون ڪونجڙيون،
الا ڪنهن کي سارَ، ڪڏهن آتر ڪُڏڪندو!

چڳيءِ موتين هار جئن، چار ڏسهين چوڌارَ،
سنڌڙيءَ ناهي سارَ، ڪٿي اُن جون ڪونجڙيون.

لڙيءَ ۾ ماڻهو لڳا، گڳاتيل گهيرا،
اگيان آکيرا، منهنجو من مهٽڻ لڳا.

ڪَنَ ٽوپائي ڪوڏَ مان، ٻانها اڳ پيا،
سورهيہ سڀ ويا، اڄڪلهہ لڪي لوڪ ۾.

آچُ ڪو اُپري اوچتو، ڪارا ڪارونپار!
رڻَ ڏٺا ريڊارَ، ساڻي پن لئہ سڪندا.

او ٿلهي ڏهي ڏوهي، ڪاٺي آڳ ٻري پئي،
لوهر ٺوڪي لوهه، رڪ ڪري ڪو ٻڌرو.

ماڳ ڪيپيندو منزلون، ڪاهيون پيو ڪاهي،
آتي، هنڌ نه ساهه، مٿان رات مٿان پوي!

تون جو سنڌ پائيي، تون ڪٿي مات ڪري وئين!
تو ڪئن لنوائيي، ٻڌي ڪوڪ ٻنهي ڪنين!

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي قطارون ڪونجن،
چا چا منهنجي من، سارون رات ڪريڙيون!

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي واريءَ وڇاڻا،
مون ۾ سماڻا، سڏڪا ڪيئي سانت ۾.

ڪوپا ڪوهستان جا، ڏسان پيو آنءُ،
اڃا تن جو نانءُ، پهڻ منجهه پلي پيو.

ايندا ايندا اوچتو، تو لئه مڙس مٺيار!
سنڌڙي تنهنجي سار، هڙئي پٽي هانوَ ۾.

ڪنڙي نه ڪڙڪي، واهر ويهر اچي وئي،
ويريءَ تي ڪڙڪي، آفت ڪائي اوچتو.

ڏينگر ڏاڍائون، ڏوڙيا ٻنيان مارئيءَ،
جيسين آندائون، پيهر منڌ ملير ۾.

ايندو اوهيڙا ڪري، ترسو ڪجهه اڃان،
لاهيو ميٽ مٿان، آگم منجهان آسرو!

جيسين آيڙي آپ ۾، مينهن پيڙي شانبان،
تيسين پنهنجو پٽاڻ، ڏار نہ ڪجهو ڏڻ ڪيان!

ڪڏهن ڪيا ڪجهہ تہ ڪنوات، توڙي ماڳن ويڇوڙو!
اُئين وينديءَ واٽ، پيارڙي هئي پيون تي.

قيقشڙ ڪن قرڙاتي، تہ وڙي آتش واءُ ۾،
پوءِ بہ ساڳي واٽ، پنهنجو بہ ساڳيا پنڌڙا!

سارو ڏارون ڏار، ڪتي ڪيڪڙ آپ ۾،
اچن شل بهار، ماڪڙ وانگر ميٺهڙا!

اوڏا اڏي ترجهڙا، هي جي ويڻا ڙي،
متان ڪو تن ڪٽي، تہ ڪي پنهنجي ديس مان!

اِجهو ڏٺي ڏڙ، ڪريا ڪوٽ ڪلور جا،
هيٺون هاڻ نہ ڪن، باقي ٿورا ڏينهڙا.

وري رات پيئي، وري تارن ٽڪيو،
ڪاڏي گنڊي چنڊي، ڪيئي گيت تڙي پيا.

وري ٿي وراڻ، گلشن گل ڦل سوزيان،
وري واسيا پاڻ، وايون مهڪيون واٽ تي.

چنن تي چمڪار، وڄون وريون آپ ۾،
اڄ جيڪا وسڪار، متان نہ آن جي مينهڙا.

اچي ٿيو هيڪار، موت تہ سيني جي متان،
مٺي ناهہ ميار، جي تون جيئين جنين سان.

ڪنهن هيءَ جوڙي جوڙ، ڪنهن هي واءُ ورائيو؟
سڀئي سنگتر توڙ، آئون ڪينجهر ڪنديس.

پاڻ وٺنديون تو ڪرين، سوچين نه تو تون،
پيرن هيٺان پون، چار ڍاڙا ڏاڍ ڪي.

مٿان تاروئن آپ مان، تيزڪي چڙهي ٿيان.
مٿان تون ايمان، لاهين پنهنجي لوءِ مان!

هو جي پيالا پُر ڪري، پيئين منهن لاءِ يو،
سچ! ڪري سعيو، تن تي لٽين ڪيئن تون؟

مٿان اچن اوچتو، رسي راتوواهه،
اجان تن جي چاهه، لاهه نه پنهنجي چت سان،

باقي ڪو دم ڏير، ويندا لڙ لهي ميان،
اڃان ناهه آوير، اڄهو آيا واهرو.

اڪين ڪيان اوڇهل نه آ، اڇا پنهنجي وات،
لٽيو آهه لڙاٽ، توڙي سچ نهار ڪيان.

ايندا ايندا مون پرين، گهيري گهر ايندا،
نهوڙي نيندا، ڏمر سارا ڏيهه جا.

اڃان ترسين جنڊڙي جي ڪاٽي ويران،
پوچا هي پيرا، دوئان پنهنجي ديس تيان.

الا ائين اوچتو سانجهي تي ويئي،
مٿان مون پيئي، رڻ ۾ ڪاري راتڙي.

وَڻن سُتا مور، تا ڪٿي نندبون ڪن!
ساري رات ڏِسَن، سپنا ساوڻ مينهن جا.

اڃان آهين ڏور، توڙي ڏُور به ويجهڙو،
متان ويٺي مُور، سار نه تنهنجي سُپرين.

اڃان آها ستڌ، اوڏا آڏيون پڪڙا،
آلا اڃان آڏ، ڏيهي منهنجي ڏيهه جا.

اڃا ساڳيا راتڙيءَ ڪارا ڪوجها پير،
اسان تو آڏ، سر تي پورب سوجهرا.

ڇا اِئن مداميءَ اڃو پاڻيءَ لڙ تيو؟
ويندا آڏامي، ڪڏهين ڪارا ڪانڌرا.

* ’مينو لڳي اجمير‘، سارو جڳ ڪڙو لڳي‘،
رتن ٻائي! ڪير؟ ٻولي تو جئن ٻولڙا.

وڃري ويندين ڪونه تون، متان اِئن ڀانئين!
اڃان نه آئين، تو لئه تڪيان ڪيڙو؟

ويهو آڏيءَ رات حو، ڪو ٻارڻ ٻاري،
متان آنداري، پڏي وڃن گوڻڙا!

---

* پُورب ڪڙوا، پڇم ڪڙوا، ڪڙوا هندستان،
سب جگ مون ني ڪڙوا لاگي، ميٺي لڳي اجمير.
(ڪڇي شاعره رتن ٻائي)

ڪنيو ٿني چوڪيون، چپن اِن لئه انڪار جو؟
اڇا ٿيئي اوڪيو، ته لِئه جيئڻ ڀنڊڙو!

دور ڪناري تي پڇون، ونجهه هٿي اٿرائيتا،
مون کي او پيڙائيتا، پيار ڪٺي هلڻ پاڻ سان.

سِرَ تي ڪيڏو ديـر سان، تون آڏي آهين!
ڏسڻ ٿي چاهين، پاڇا پوئين سنج جا؟

آڏيءَ جو آڪاس ۾ جهومڪ جهڳا مڳ ڪن،
ڪير اچي ٿي چنڊ، جهاڳي ديس وديس کي!

وري شال اُٿن، دودا منهنجي ديس جا،
جهپيندا شال جهلن، وري وڳهه ڪوٽ تي!

هي جي مُنهن گهنڊيون، هي جي ڪرتيل ڏندَ،
نيٺ ته پڇندا ٻندَ، پوڙهيندا ڪنهن ٻوڏ جئين.

ٻاٽيارين پچار، اڄ ته آهي واءُ ۾،
ڳالهيون ڪن ٿا ڳجهيون جون، سُبن ۾ سانيار،
رچي ريتا يار، پٽهه پچائن ماڳ جا.

زنده پيار ٻياري، وٺيا رهيا ڪاپڙي،
هاڻي اُن چاري، اَلا ڪونه آجهامندا.

هي جي نيدورا، ڏولائي جا ڏينهڙا،
ٻاقي ڪي ٿورا، مٿان هيئون هارئين!

ڏينگر ڏياڻائون، پَڙيا اچي پٽ تي،
اونو گهڻو تن جو ائين، پنهنجو لاٿائون،
اگي نه ڏٺا آئون، ويڙهيچا اِئن واٽ تي!

هِن پڙ سارا سُکَ هان، هُن پُڙ آزادي،
ڇا تو بربادي، چوندي وتي چاهه مان؟

سينو ساهيو ساڪري، ڪارونجهر تي ڪَڙ،
وڇولي جي واٽ تي، ڪارونڀار ڪَڪَر،
آيري آءُ آتر، مٿان مات ڪري وهين!

سَرَ ڪي پيو ڪئن هنج جئن، اهڙو ساڇاهي؟
واءُ لڳو ناهي، اگي م ڏسي ڇوليون.

ڪِئن ڇئجي ٻهار، ڦُليليءَ جي ڪپ تي،
هُو جي منهنجا يار، وري اِينداڏ ويجهڙا!

پٽ تي ڪنڊ نه لاڙ، ڇا نه رتو رت ڀيچرا!
ڀيهر ڪنڊن واڙ، پوکين پيو ويسرا!

سورهيه ٿيءُ سڄاڻ، مرڻ نه آهي ماٺ روءِ،
جيئڻ جو آهڃاڻ، ويڙهو گهرجي ويڙهه م.

تنهنجي ترڪين ڀيوٽيان، ٽڃيڻ ڀيڪارل ويٽ،
ٻوٽي ڇڏ مون نيڻ، رکُ تون پنهنجا هتڙا!

ڇا ٿئي سوچيو سانوڻي، شاورين سنگ ڏهي؟
اکين منجهه ڦسي، ڀيٽم ڪنهن جو نينهڙو؟

وري تن جا لوڪ تي، پرن تا پيهراءِ
وري وڏيرا، ڏاهڻا ٿيا ڏيهه جا.

اڄان پنڌ پهاڙ جا، اڄا آپرو واءُ،
ڪونجن جو ڪرلاءُ، توڙي ساڳيو ڏيهه ۾.

* ڏرلا لاهي دادليون، پٽيو ته ساهي!
اڃان اونداهي، اڃان ٻاڪ ڦٽي نه آ.

ڦڪي ڦڪڻ موتيا، سج لٿو سر تي،
اڃان تون ڏر تي، ڏيئي واٽ نهارئين!

مور نه ماڻيان ڇولڙيءَ، توکي ڏسي آنءُ،
ٻُڌي تنهنجو ناءُ، ڳل وري ڳاڙها ٿيا.

ورئي جهڙ ڳهاٽا ٿيا، وڏي ٿي وسڪار،
ٻرن ٿا ٻوٽا، ٻٽين ڦٽن وانگيان.

باقي ٿوري راتڙي، اي دل ڏک ڏک ڪر!
تيسين ٿڪ ٿڪ ڪر، جيسين سهڙي، سوجهرو!

اي دل اڃان ٿورڙو، اڳتي آهي پنڌ،
اڃان جهپ نه لائجانءِ، توکي مون سوڳند!
اڳ ڪان اوچو ڪنڌ، آزاديءَ جي راهه ۾.

اي دل مون سان ساٿ تون، ڇڏِ ڏينڌينءَ تيسين،
ٻورو ٿئي جيسين، آزاديءَ جو پيچرو؟

---

* ٿر ۾ زالون دڳ تي ڏرلا لاهي، ساهي پٽينديون آهن.

واهرندا، وڻ ڦوٽ، اڄهو ڦريا ڏينهڙا!
ڪڏهن ڪنديئه سانوري، ٿهراڻي ۾ موٽ؟ *
ڪٿي ڪونيٽ اوٽ، پڙي پوندينءَ پاڪرين!

وري ڦوگ ڦلار، ڪانڌڙ ٽيندي ڪانڌڙيا، *
وري لهندا سينهڙا، وارياسي جي سار،
اڄهو منهنجا يار، پنهنجي پيڙا ڪيا۔

---

* ٿهراڻو = ٻاچري ۽ ٿي جي اولهه ۽ عمرڪوٽ جي ڏکڻ - اولهه وارو پاڳو۔

* ڪانڌڙيو = ڪانڌڙ جو رهاڪو۔

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .



وایون



ديوان



راڄ ـ گهاٽ تي چنڊ
بيٺو سوچي ٿو.

هي نيرو آڪاس مٿان آ.
آڌيءَ رات آڪنڊ!
راڄ ـ گهاٽ تي چنڊ
بيٺو سوچي ٿو.

پير ڪرتيءَ جي ايڪائيءَ ۾
هي ماڻهوءَ جو مَنڊ!
راڄ ـ گهاٽ تي چنڊ
بيٺو سوچي ٿو.

ڌرتيءَ ڪهڙو ڏوهه ڪيو آ؟
ڏنڊ به ايڏو ڏنڊ!
راڄ ـ گهاٽ تي چنڊ
بيٺو سوچي ٿو.

ڇا ھيءَ ساڳي ناوَ
ڇا ھيءَ ساڳي نربدا؟

نيري تِپ ۾ چنڊُ يا
روپ ـ متيءَ جا ڳهاوَ؟
ڇا ھيءَ ساڳي نربدا؟

ڇا ھيءَ ساڳو پريتمُ
جنھن کي نه پڇتاوَ؟
ڇا ھيءَ ساڳي نربدا؟

جڳيت جڳمڳانتر ڪِرڻ اھي
اندر منجھہ آلاوَ!
ڇا ھيءَ ساڳي نربدا؟

من ۾ منھنجيءَ مالوا *
ڪيڏا لڏون ءَ لڳاوَ!
ڇا ھيءَ ساڳي نربدا؟

---

* مالوا = جنھن سان روپ متيءَ ۽ باز بهادر جي عشق جو داستان وابسته آھي۔

(ناگپور تي وِمان ۾ هڪ رات)

اڄُ ته ساڳيو آسمانُ، واءُ ۾ آهي وِمانُ— *
ناگپور تي راتڙي *

اڄ ته تنهنجي سار سان چئو، آهه جهرمر هي جهانُ—
ناگپور تي راتڙي.

آشنائي اوچتي، آواگون جو آستانُ— *
ناگپور تي راتڙي.

شال پورو ٿئي اسان جي، هي اڌورو داستانُ!
ناگپور تي راتڙي.

---

* وِمان = پارت ۾ هوائي جهاز کي چوندا آهن.
* ناگپور = بمبئيءَ کان دهليءَ ڏانهن ويندي هوائي جهاز کي ناگپور ۾ ترسڻو پوندو آهي.
* آواگون = نئين جنم.

(گوداوريءَ ٽي ٻاڪ)

جر تي ٻيٻر جي ڇانوَ ۾،
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

مون سان هيئنءَ چئي ترُون پريئن، اڳليءَ جنم جي لانوَ ۾—
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

پيهر ڏئيون مئون ڇلڪنديون، تنهنجي سريلي تانوَ ۾—
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

هي وَرش سارو آئيءَ هان، هر هر هُرن ٿيون هانوَ ۾—
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

وَرش = ٽرتيءَ جو حصو.
گوداوري = ندي، جا ناسڪ جي پرسان وهي ٿي. *

ڀڀڪيس، ڪٿنئيو   روهڙي.

ڇو ته اونده ۾ پري تو
ڪوڏي نه ڏٺو ،   روهڙي.

تي وجهي تاريخ ۾
ڪنهن وقت ليئو   روهڙي.

"پاڙرو جنهن جاءِ آهيو
شان سڄيئو"   روهڙي.

جهٽ نہ جيئان تو بناءِ، عمر گذاريم ڪيئن!
پانڌيئڙا پرڏيھہ جا!

نہ ڪو چڻن نہ چانورو، لڪون اڪي جيئن،
پانڌيئڙا پرڏيھہ جا!

تون جي ڦجين ويجهڙو، هوند نہ هنجان هيئن،
پانڌيئڙا پرڏيھہ جا!

ڪڏهن ايندين سانورا؟ ڪڏهن ايندين؟ ڪيئن؟
پانڌيئڙا پرڏيھہ جا!

رابيل ـ رُت، مايا نگرُ،
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون.

ساڳي هوا، ساڳو پنڌرُ
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون.

تو ريءَ سڱنڌن جو سفر،
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون.

تون مان نہ، پر آهن آمرُ
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهيون.

اڄان ٻه آڏا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

پيرن آهن پنڌ ۾
لڱ لڪن پڙاڏا
اڄان ٻه آڏا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

مون سان منهنجي ماڳ ۾
ڏاڏا پڙڏاڏا ـــ
اڄان ٻه آڏا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

ڪنهن جي ڏولي تي اچي؟
لوءِ سڄي لاڏا!
اڄان ٻه آڏا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

1987

هي سڙهه چاليهه سال!
روز پيا ڳا ڏينهڙا!!

سڄ آيڙي تون آئن تا سوچ ۾ ساڳيا سوال —
روز ساڳيا ڏينهڙا!!

سڄ آلهي تون منهن تي تا ملون ساڳيا ملال —
روز ساڳيا ڏينهڙا!!

ها فقط سڙها لڳن تا، اڄ به ڏرتي جا دلال —
روز ساڳيا ڏينهڙا!!

هو وسنتي ويس پائي تا هٿن ڪوڙا ڪلال —
روز ساڳيا ڏينهڙا!!

ڪيترو تو لئه تڪيان؟ هائي پلائي آهه پيال!
روز ساڳيا ڏينهڙا!!
روز ساڳيا ڏينهڙا!!
روز ساڳيا ڏينهڙا!!

ڪلڪتو، ڳائندي ـ
ڪوئي سوچي ٿو.

ڪهڙي هيءَ تاريخ جي
اونداهي آندي؟
ڪوئي سوچي ٿو.

لاش لُڙهن ٽارٽ ”ٽ“ ۾
ڪو ناهي ڪاندي ـ
ڪوئي سوچي ٿو.

ڪاش ڪراچيءَ ۾ هجي *
اڄ اهڙو پاندي ـ
ڪوئي سوچي ٿو.

* اپريل 1987ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيل فسادن کان
متاثر ٿي لکي ويئي.

هي جي آيا هيرَ
اهڙا ماڙُس مٿنهين ر
ڏاڍَ نه ڏٺا ڏيهه ۾.

سِنڌي آ جِن سچ ڏي
اوپڙ ڏانهن آلپير ـــ
هي جي آيا هيڙ ....

توڙي پنڌ اچا پيرِي
توڙي واريءَ ڏيهر ـــ
هي جي آيا هير ....

جِن جا پرينءَ پار ڏي
گهٽ نوان کي گهيرـــ
هي جا آيا هير ....

پڙ ۾ آهه پچار *
ڳهر ڳهڪيريون آئيون.

وڃن پيون واٽ تي، ٻانهن جهلي ٻار -
ڳهر ڳهڪيريون آئيون.

ڏئي ڏندڙين آڱريون، ڏنو تن ڏهڪار -
ڳهر - ڳهڪيريون آئيون.

سهسين سيجن واڳيان، ويڙهيچن ويچار -
ڳهر - ڳهڪيريون آئيون.

نه سهي پيرڙين پيڪڙا، نه سي ڪوٽ ڪپار -
ڳهر - ڳهڪيريون آئيون.

* هيءَ وائي "سنڌياڻي تحريڪ" کان متاثر ٿي لکي وئي آهي.

هُوءَ جا ڳُجهي ڳالهه،
آءٌ نه سَلِيندي عام کي.
مٿان مِٺِي ٿِي وِچي، منهنجي مِٺِيءَ نِيالَ!
مٿان آلي وانگيان پرکي ڪٺهن پونچال!
سدا منهنجي جيءَ هُرِيَ، ساڻڊيُو آهي، سوالُ:
”ڏرتي ڪڏهن ديس جي، ٿيندي لالُئون لالُ؟“

نئي منجهه فرنگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!

اي منهنجي تاريخ ڏسان ٿو
انگ نه تنهنجي اَنگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!

جڻ ته صديون ڪان منهنجي ترتيب
رنگت لهوءَ جي رنگي!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!

ڪنڌ آهو ڪورايو ويندو
جنهن ڪي آهه ڪلنگي!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو

ڪائي واهه نه ڪائي واهر
واٽ وسيهر وَنگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!

پنهنجي پٽ ۾ جيئڻ وارا
جنگ ڪري ويا جنگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!

ڪيڏي ورهه لڳي تي واڌي
ڏاهپ جيڪا ڏنگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!

تي پري ليننگراد
ٻٽيهه برسن تائين پياه

اولگا جي شاعريءَ مان*
اڄ ٻه تازي آهي يادِ
ٻٽيهه برسن تائين پياه

اڄ ٻه منهنجا ديس تو ۾
چڙهه ته تازي بدنهادِ!
ٻٽيهه برسن تائين پياه

اي ڏکيءَ! کهلنديون ڪڏهن تون،
آءُ اي ٻادِ مرادِ
ٻٽيهه برسن تائين پياه

---

* اولگا برگال (Olga Bergolts)
ليننگراد جي شاعره، هن جي شاعريءَ جو ڪتاب "ليننگراد نوٽ بڪ" 1942ع ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ هن جا ليننگراد جي گهيراوُ جي باري ۾ نهايت تلخ نظم شامل آهن.

آيو سج ۾ مٿان
جڻ ڪنهن شعلي جان—
اڃا پنڌ پنو نہ آ!

رڪت رسالو شاهہ جو
لسي لوڻهي سان—
اڃا پنڌ پنو نہ آ!

ٻيھر ڪن لال قلوڪڙا
لال ليارون ڪان—
اڃا پنڌ پنو نہ آ!

پورو ڪندي پنڌڙو
مارو شال مران!
اڃا پنڌ پنو نہ آ.

ڌرتي! بس تو سان
ماڻهوءَ ٻول نہ پاڙيا!

آڌيءَ مانجهيءَ ڳهيت ٿـو ڳايان ـ آءٌ اڃان.
سپني منجهہ رچيي وچهي ماڻهوءَ ٽيٽ مٽان!
(ماڻهو سپنا ٿو آڻي پنهنجي رت ڀرَ مان)
رانڻي جـرتـر آڏيو ڳـاڙهـو سـج مـٿـان!

انت ته اڇو آنهه
هاڻي پنڌ پري نه آ!

تارن جهرمٽ مان لهي
مون سان نچڻو آنهه

ڏيکين موکي ڇا مڌ ۾
مون سان مچڻو آنهه؟

هيل ته ريڻو ٿو لڳين
اڃا به رچڻو آنهه؟

انت ته اڇو آنهه
هاڻي پنڌ پري نه آ!

’تون‘ تي تون آهين
منهنجي پون آهين
او آيل! او سنڌڙي!

منهنجي ساري ذات تون
منهنجي ’مون‘ آهين—
او آيل! او سنڌڙي!

تون ئي منهنجا بيت آن
تون وايون آهين—
او آيل! او سنڌڙي!

اڃا نڪتي چو نه تون
ڪاهيءَ ڪون آهين؟
او آيل! او سنڌڙي!

ويريءَ جي وارَ ۾
ڏينهن ته ڏون آهين!
او آيل! او سنڌڙي!

ڌون ٽيرهن سؤ سٺال
موتي ڳان اڳ ڄائو هئين.

پوءِ به ڪو آواز ڏي، هُر ڏين منهنجي حال!
منهنجو ماضي انهي ڌون، منهنجا استقبال!
ڌرتيءَ منهنجي ديس جهڙي ڏوڙي لڪ دلال.
اڄ منهنجي آرتي ۾ تنهنجا خواب خيال.

آهه سانگيي پارڪَرَ ـــ
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟ *

ايتري آڪڙ ڪَري ٿون
پيءُ ڌرتيءَ تي نه ڌَرا!
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟

نيٺ مٽيءَ ۾ سمايا
جي نه آيا هن نگر ـــ
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟

موت تنهنجو منتظر آ
اجنبي! ايڏي نه ڪَرَ!
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟

---

* سلطان محمود بيگڙو، جو گجرات جو حاڪم هو ۽
جنهن سورهين صديءَ ۾ پارڪر تي ڪاهيو هو.

سڪر! ڪالهه ڏٺو هيو تو جيڪو هيمون،
اڄ به آهي پنڌ ۾.

پونرا آيا ايترا، پيراي پٺيي پون.

سو به تنهنجو ديس آ، هي جو منهنجو مون.

آهين سڀ جي ساهه ۾ سنڌو تون ئي تون!

هيمون ڪلاڻي،

وسري وسري ڪينڪي

آڄ به جوڪا جيءَ جا ۽ چاڻي واڻي.

اڃان چنڊ چڪور جي ساڳي ڪهاڻي.

هو جا ڏيهي لاٽ آ، نباهي وساڻي.

ڌرتي پنهنجي ڏانءَ جي ٿيندي ڏياڻي.

تي ويا ناهـَرَ ڏنارَ
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

چورَ چوڪيدار آهن
ڪـَن پيا ڪـُوڙي پـُڪارَ ـ
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

جيٽ ـَ ڏُنهنجي جيت ناهي
هارَ تـُنهنجي نانهي هارَ ـ
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

ديس تنهنجو ديسُ ناهي
سارَ تنهنجي ناهہ سارَ ـ
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

اڄ تہ ڪـَرڪي، تي هوا ۾
ڪونجڙين جي ڪا قطارَ ـ
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

ڇا ڏيان توکي مـَيار!
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

هاڻي ته پري ناهي
سا مُنڊ اچي وئي آ.

ٿا گُلَّ ٽڙن ڳاڙهيا، چانگو ته اچو ڪاهي!
مومل ته گهڻو مُرڪي، سوڍو ته ته ساڃاهي!
اَڄُ ڪاڪِ ڦُلاري آ، ڪو پنڌ پيو آهي.

هاڻي لڪڙ دليون
گڏجي چڙ ڏڙڪن پيون.

پير ڏسن ٿا پنڌ ۾
ڳاڙهيءَ ويس ڳليون ـ
هاڻي لڪڙ دليون
گڏجي چڙ ڏڙڪن پيون.

متان پاڻئين منزلون
پنهنجو پاڻ مليون!
هاڻي لڪڙ دليون
گڏجي چڙ ڏڙڪن پيون.

لڙڪ لڙي پيا، وينگسون
ڪوڏي هانءُ ڪليون
هاڻي لڪڙ دليون
گڏجي چڙ ڏڙڪن پيون.

هي جي ڪيئي ڪَنَ
پڌن پيا پاڻ کي.

جن سان ڳونجيون بستيون
توڙي ڳونگا بَنَ -
پڌن پيا پاڻ کي.

وڌن پيا واٽ تي
ڳونجي منجهه ڳگن
پڌن پيا پاڻ کي.

وڇڙي ويئي آڳ کا
تن جي تَنَ بدن!
پڌن پيا پاڻ کي.

هو مون کان ڇا لاءِ ڏِکن ٿا
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇاهي؟

جهوني وِهه تي جيئڻ وارا
امرت کان ڏاڍو ڇرڪن ٿا
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇاهي؟

هو سڀ موت جا ڪانگي آهن
جيون تي ڪيڏو نه ڇڙن ٿا!
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇاهي؟

ڪيڏا لاش سلامي ڏيئي
بندوقن تي آڪڙجن ٿا!
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇاهي؟

رات پڇر تنهنجي پڪار
ننڊ کي نيندي رهي.
آڌ ڏرتني سرخ ٿي وئي، ايترا آيا بهار!
ڪويلون ڪوڪن پيون، ڪوئي ته ناهي چپ، يار!
ڇو اڄا گلنار ناهن، روءِ تنهنجي جا آثار؟
تو ڇڪين ڇوهي جيان، مون کي پڙاهين پار، يار!

ڏرتيءَ پيٽي ڏڏي
ڪوٽ سارو تو لڏي
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

ڪيتري ڳاڙهاڻ آ
لوهه ۾ تي جا اڏي
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

اڄ هٿلي اوڙاهه ۾
ڪير ڪنڌيءَ تي ڪڏي!
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

آءُ اي سيلاب آءُ
جو ٻڏي تو، پل ٻڏي!
انقلاب ايندو ڪڏهن؟
انقلاب ايندو ڪڏهن؟
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

رات، نڪارا گئا *
چنڊ پهاڙن مٿان.

ڏيس مٿان ڪيترا
روز ڪماندو مئا! *

پيار ڀريا، ڏيس جا
سڏ جڏهن تن سُئا.

شال ٻرن اوچتو
لونءِ اندر جي لئا!

رات، نڪارا گئا
چنڊ پهاڙن مٿان.

---

* نڪارا گئا = Nicaragua

* ڪماندو = Commando

نوٽ: نڪارا گئا ۾ 16 ـ 17 ورهين جا ٻار ڪماندو آهن.

ماڳ ڏسي جي مرڪن ٿا
ڪاش! آنهن سان مان به هجان.

منهنجي جوت ته آهي جنهن جي
چڙ ۾ هو سڀ چرڪن ٿا،
ڪاش! آنهن سان مان به هجان.

جندڙي ٿورو شاٽ ته ڏي، هو
اڄيارو گهر گهر ڪن ٿا!
ڪاش! آنهن سان مان به هجان.

1995ع

لکيو لڪ چڙهن

ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.

ڏسي ٿو رڍيون واٽ تي لوڪ جيئن لڪن،

سي بہ تہ آهن سانت سان پٽيون جين نٽن،

ڪارونجهر جي ڪور تان گوليون ڪڙڪن ڪن،

پوڙهيسر جي پيون تي ڪانئر ٿا پڪڻين،

هي جي آکيون انديون ڪيڏو ڏور ڏسن!

ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا!
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا!
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا!

سوسيون سجايو

اڄهو آيا گهوٽڙا.

ڪيئن ڪميتن تي آڏيي، لونگيون لٽڪايو.
اڄهو آيا گهوٽڙا.

ڪاري رات رمي وئي سيج ڪنيءَ آيو.
اڄهو آيا گهوٽڙا.

ڏسي رستا رت سان متان گهبرايو!
اڄهو آيا گهوٽڙا.

منهنجو تو لئه ديسڙا لايو سجايو.
اڄهو آيا گهوٽڙا.

آهن بند ڪيواڙَ
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي.
پوءِ بہ ڪُوءِ ڪَلاڻ جي، ٽاڙيءَ لئہ هيءَ تاڙَ!
سارا ڪوهہَ کپي وڃن، ٻاڙَ بہ اهڙي ٻاڙَ!
منهنجي آجائيءَ ٽيا، جيڪي منهنجي ماڙَ،
او شل! جيئَن جُوءِ سان لاڙي منهنجا لاڙَ.

ٿر ۾ ڇنڪي آهي
ڪانڪـهه تي چانڊوڪي.

سَاري رَات آسوءَ جا بادلُ
جن تان لِـٽڪي آهي،
ڪانڪـهه تي چانڊوڪي.

ڇوڏس واريءَ تي چانديءَ جيئن
هيءَ جا ڊُڪي آهي،
ڪانڪـهه تي چانڊوڪي.

ٿون جو ڪـٽ تي ڪونه ڪِڙيل آن،
هر هر ڪـٽڪي آهي،
ڪانڪـهه تي چانڊوڪي.

* ڪانڪـهه = ٿر جو هڪ وڻ، جو ريتائينءَ زمين تي ٿيندو آهي ۽ جنهن ۾ ڳاڙهيرا ڦُل ٿيندا آهن.

اوچتو ويندين مِلي
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن. *

پاڪر ين پوندين اچي
ڪير وانگر ٻون ڪيلي-
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن.

چنڊ هيئان پائبي
رات پڻ سپاڪي رليي-
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن.

آهم ڇڻ آسائتي
ڪون جي هرڪا ڪيلي-
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن؟
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن؟
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن؟

---

* سامروٽيءَ = ڏيپليءَ جي اُتر وارو پاڳو.

آڄ ته اوچا آڪ
ڏسن ٿا آڪاس ڪي.

اڄان ڳوليو ٿا پيا
ساندارِٿو ۽ مڪ!
اڄ ته اوچا آڪ،
ڏسن ٿا آڪاس ڪي.

ڌرتي-سڀ ڏونڌاڙجي
جڪ ۽ ايڏا جڪ!
آڄ ته اوچا آڪ،
ڏسن ٿا آڪاس ڪي.

جهوڙا جهنڊا ٿي ويا *
لوهه ڳهلي جو لڪ!
آڄ ته اوچا آڪ،
ڏسن ٿا آڪاس ڪي.

* جهوڙا = مٽي تي وار، جي مچو ڪري پڌا ويا هجن.

ڳنديون ڇپايو،
متان پون مينهڙا.
اکيون ۽ اکين ۾ ٻوجهي، ڳجهو ڳالهايو،
ساٿاري تو نماڻ سان، ورلي ورجايو!
آزاديءَ کي ماڳ تان، متان موٽايو!

هو اوچو آڪاس
اُڀ ڀِٽَي آيري!

اڃان ڏوڪي سِپريِن، سارِيِ مُنهنجو ساسُ،
اُڀ ڀِٽَي آيري.

اڃان مون آنتهه - ڪَرنُ تيو نه آهي ناسُ،*
اُڀ ڀِٽَي آيري.

ساڳو مڙهيءَ ڏوپ آ، ساڳو آهي واسُ،
اُڀ ڀِٽَي آيري.

سانوڻ جئن سِرجي پيو، مون ۾ ڪو وشواسُ،
اُڀ ڀِٽَي آيري.

* آنتهه ڪَرنُ = اندر جو آدمي، ضمير.

جتن جتن گهٽي جاڙ
تتن تتن ويجهي ماڙ،
اجهو وڃنا مينهڙا.

ڪاڙهي ۾ ڪيڏانهن ويا،
سارا ڏينهن ڏراڙ؟
اجهو وڃنا مينهڙا.

تڙ تي تڏيري هوا
آندي آ آڪاڙ،
اجهو وڃنا مينهڙا.

آيڙا وڻ آڪڙي ويا
ڪيئي جهونا جهاڙ،
اجهو وڃنا مينهڙا.

اڄ به آ آڙنگ ۾
تاڙي ساڳي تاڙ،
اجهو وڃنا مينهڙا.

ڀَڪي ڏِيڍ ٻَڪرال،
مينهن وسن ٿا ڇِپ جا.

اُڀرن ٿا آڙنگ ۾ ڪيڏا خواب خيال!
هُيا اُبر آسري مَارو ٿوڙي مال.
آيا اُتر مينهڙا اَڄ ته ڀلائي ڀال!

ڪالهه هئيا آڙنگ،
اڄ وسي تو وڏ - ڦڙو.

ڪيڏو مَن کي ڀانئيا
ساوڻ رنگ سرنگ!
اڄ وسي تو وڏ - ڦڙو.

مارو سارا موهيا
ڏسي وچن، ونگ
اڄ وسي تو وڏ - ڦڙو.

ريلهي منجهه لڙهي ويا
ڏنگ به کهڙا ڏنگ!
اڄ وسي تو وڏ - ڦڙو.

اکيون تنهنجي آسري
تنگيءَ تو تي تنگ!
اڄ وسي تو وڏ - ڦڙو.

ڏَوَ ٿيندا ڏاڍيڙا!
سنگتيءَ سُڪن ٿا.

ٻاجهرڙين جي ٻاجهه ڪئي آ
لُڻَ لُڻَ آهي ليٽڙا.
سنگتي سُڪن ٿا.

تارن وانگر ٽم ٽم ڪن ٿا
ڏهر ڏهر ۾ ڏيئڙا،
سنگتي سُڪن ٿا.

اڄ به تن جي سار اچي ٿي
ڏور ويا سانگيئڙا،
سنگتيءَ سُڪن ٿا.

ايندا ايندا نيٺ ته ايندا،
جاڳ اُجالا ڪجهه جيئڙا!
سنگتي سُڪن ٿا.

ڳجن ٽا ڳجڳاٽ،
اچن پيون اوڙڪيون.
اجان تو لٺ ديسڙا آهي ساڳي واٽ.
متان ماڳ منجهيو پئي، اوچي رڪو لاٽ!
مينهن ماندا ٿا ڪيا، اڄ ڪهڙا گهر گهاٽ؟
اچن پيون اوڙڪون.

ويهل آن ساهي پٽڻ جي
موت، منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نه آهين.

مان اڃا ته ڪيئن رهندس
مون پڇلائي نانهي پنون!

هو وسي ٿو وڏ ـ ڦڙو
سايون ٿيون تر ۾ پتون!

جي اڃان موتي ته مون کي
ڪنهن هرڻ ۾ پاءِ تون ـ

موت منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نه آهين.

مٿان وسي ماڪَ،
ڳُوار پٽيندي ڪاهُ ڙئين.

پرهُ جو پنهواريون، ڪيسين ڏڪن ڏاڪَ؟
پويون لوڙائو چئو؛ راتين جا رولاڪَ!
مٿان اورانگهي وڃو، ڪڏهن ٿرين ٿاڪَ!

راڳ - ڳوهاڻ تي ڇند

تاريون هڻن نه ٽوڙ!
پلي مڇي موڙ
آيا ساون ڏينهڙا.

ڏاڍو، مينهن وسي پيو
ڏاڍو، ٻوڙان ٻوڙ
آيا ساون، مينهڙا.

لڳهه جي لالاڻ کي
آتر، اڱڻ نه وڳوڙ!
آيا ساون مينهڙا.

واڙي رک اڄ واڙ ۾
ڇيلا ڇيڪ نه ڇوڙ
آيا ساون ڏينهڙا.

اوڳي اوچي ڳاٽ،
تو نہ سڃاتا سپرين!

جن جي پنڻي پاهران
پيٽي پوري لاٽ،
تو نہ سڃاتا سپرين!

تنهنجي پانهن روڪيا
چوڙين جا چٽچاٽ،
تو نہ سڃاتا سپرين!

وڃي ڪان پوءِ وائڙي
ورتہ تن جي وات،
تو نہ سڃاتا سپرين!

مٺپ ٻه ٿو وٺ مٺپ
کهڙا منهنجا ديسڙا!
ڇا مون پيتي ڪانہ آ تنهنجي ليڙڪن لڙپ؟
وايون ٿوڙي ٻيٺ ها اڳي نہ روڪيا ڊپ.
اڄ ڇو رتو رت ڪيا مون پيڪوڙي چڙپ؟

ناهي ڪا نَنڊِي
ڪَوِتا منهنجي مَنَ ۾.
هيءَ جا هاڙهي ڏي هلِي، ماڳَ نہ آ مَنڊِي.
پيرين پائي گهنگهرو، جاتَ نہ آ جَنڊِي.
ساهَسُ ڪوئِي ساهَہ ڪِي، رات تہ آ ڪَنڊِي!

ڏيندي وڄ وڪڙ
گهوري ڪارا ترڙ،
مون سان جي ڪاوڙ ڪندين.

چوندءِ "هي ڇا تو ڪرين"؟
جهلي جهونا ٻڙ -

وارا ۽ وڻيون ٻڌيليون
هي سڀ ڪنهن جا وڙ؟

ڏنيون مهڙيون وانئڻيون
ڪهڙي ترڙ آئڙ؟

تنهنجي ڌرتيءَ تي گهٽا
مون جئن پيا سر ڏڙ؟

مون ٻن تارا آپ ۾
گيرو! هيا گڙ؛

پوءِ ٻه مان پانهون ٻڌان
مون ۾ نانهه آڪڙ!

نڍڙڙي نوڙڙي پيهه،
پيهڙي پٽ تي ويهه!
پيهر ايندءِ ڪينڪي.

ڏولاوا ۽ ڏاڪڙا،
جن لئه سارو ڏيهه—
پيهر ايندءِ ڪينڪي.

هي جهي جوڙٽهار جيءَ،
ڙاڳيءَ ڏڙيڻن ريهه—
پيهر ايندءِ ڪينڪي.

جهونگارنيندو واڳيوڙن
سدا جيئن سانڍيهه—
پيهر ايندءِ ڪينڪي.

هي جو گيت اڌورو آهي
پوئين وقت چپن تي.

ڪنهن به ته ان کي ڳاتو ناهي
هي جو گيت سمورو آهي؛

برکا جهڙا گيت ڏنا مون
توڙي جيءُ ته ڪُورو آهي!

گهر گهر تي چانڊوڪي چانئجي
چنڊ گهٽيءَ ۾ پورو آهي؛

آءُ پوان ٿو ليٽي يارو!
سيرانديءَ تنبُورو آهي.

ڏرتي، مون سان وڙ
تون ڇا ڪندينءَ جيڏري؟
ڪيڏي ڪان پو سانپيا، تو سڀ جهونا ٻڙ!
جڳن تائين ڏي وڃي، جيڏا، منهنجي جڙ!
ڪيئي ڳوئنچ ڦلاربا، پڇاڙان پٽ - جهڙ.

آئي آڌيءَ رات جو
ٽولئه ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏيهه جا.

ڦڙا ڦڙا ماڪ جا
جڏهن ڦلن جهولڙيون،
ٽولئه ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏيهه جا.

جن تو لاءِ سڳند جون
ڪيئي ڳليون ڳولڙيون،
ٽولئه ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏهه جا.

پنيرڪي جو پنءَ مٿان
ريکون نيٺ رتولڙيون،
ٽولئه ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏيهه جا.

ڪيسين لڏي لڪي
سونهن پرين جي پڌري.

جهونجهڪڙي جي جهان ۾
ڀهراڙي ڀڪي
سونهن پرين جي پڌري.

نينگر نيوڙي ڪوهه ٽي
تارن ڏول چڪي
سونهن پرين جي پڌري.

پرهه ٽي پارون اچي،
ڪيسين رات ٽڪي!
سونهن پرين جي پڌري.

جي تنهن ڪاڻي وَتَّ،
سُپيرِيان جي سَٿَّ،
مُنڊ پريان ڏي پڏري.

چمڪي چوڏينهَن چنڊ جان
نيمي هُن جي نَٿَّ
مُنڊ پريان ڏي پڏري.

هيءَ جا بوءِ بهار جي
کهڙي تَنهن جي ڪَٿَ!
مُنڊ پريان ڏي پڏري.

اهڙو ڪو آواز آڄُ
ڪونهي ڪينڙَ پَٿَ،
مُنڊ پريان ڏي پڏري.

وڏن پيا واٽ تي سُورج مُکيءَ ڪيتَ،
اڃان جيئَڻ ڏينهڙا.

اڃان روميِ رتّ جي، اڃان ساڳيا ٻيتَ،
اڃان جيئَڻ ڏينهڙا.

اڃان وايون ڪيتريوّن منهنجي چيتَ آچيتَ،
اڃان جيئَڻ ڏينهڙا.

اڃان ٿورو دير سان ڪارا ڪيٿ ڪُميت!
اڃان جيئَڻ ڏينهڙا.

پيو مينهن وسائي
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

نه سائي گوريون گهاٽ تي، ڳائي گيت نه سائي،
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

* رَوي آڪيون جهانوريون ڪٽڪريون ڪونه پسائي،
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

گنگا جي ڳنجگات ۾ ڪيسين ناو ڪسائي!
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

اڳتي ڪارونپار ۾، ڇاهي؟ ڪير ڏسائي!
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

---

* سوپي گيانچنداڻي جي روايت آهي ته جڏهن هو شانتينڪيتن ۾ پڙهندو هو تڏهن ٺاڪور پوڙهو ٿي چڪو هو ۽ آڪاس ۾ ڪڪر نه ڏسي سگهندو هو.

برکا رُت، اڌرات، ڇڇوري،
پاڻي پُڇڙ تارن جئن.

منهنجي من ۾ ڪيئي ساروڻ
ساوڻ جي وسڪارن جئن.

دور دور تي بادل آهن
ورهين وڇڙيل يارن جئن.

هر هر من ۾ گيت دُکن ٿا
آڌيءَ جي انگارن جئن.

منهنجي سيني تي اچاڻ
تنهنجو ساهه ڪچي پيو!
تنهنجي سار ـ سَراءِ جو پيرو ڪيئن پڇان!
تو لئه ٻيءَ ڪنهن شهر ۾ چاڄي لاءِ وڃان؟
ڇا ڏون مون ڪان، دور آن؟ اهو ڪيئن مڃان!

بادل ٽا برسن،
جيڏا وري جهوڪ تي.
شاهه عنايت آيو مان، ڇيمڪي تو ڇنن ڇنن،
نه تيو سونگيي سنڌڙي، نه تون ڏاڍي ڏن!
مٿن مٿي هٿڙا سدا شهيدن،
آهن اسان سان اڄان مري جي نه مرن!

تو ڪيئن ساريان
سڄڻ تڏي ساهہ سان!

اچڻو آهين اوچتو، توکي ڪيئن واريان!
ڪوئل وانگر ڪيترو، تو لئه پڪاريان؟
اڃهو اولڻهه ۾ لتو، ڪيسين نهاريان؟
ڪانئي ڏک تنهنجي ڪڏهن، هاڻ نه جهاريان!

کهڙي ڪَرڻ ڳالهه

توکي هئن سُرهو ڪيو؟

ڪنهن توکي آڳت آڇيا، ههڙا ڳاڙها گل!

مون کي ڏِنئه جيئڙي، مُل به کهڙا مُل!

آءٌ تہ سارو سانت هان، تو وٽ هيڏا هُل!

اونهاري جون راتڙيون، ننڊ نه اچي ٿي.

گرم هوا جيءَ گود ۾ واڙي پڇي ٿي،
ننڊ نه اچي ٿي.

ڪائي روُيا نڌرت سان سامهون نچي ٿي،
ننڊ نه اچي ٿي.

چڙهي ڪائي ڪئُوتا وري رت ۾ رچي ٿي!
ننڊ نه اچي ٿي!

اهڙي اڱ - ڳڻتي
کهڙيءَ ڪوَتا کي هٿي؟

ڪنهن هٿن دانهن ٻڌي هئي
ڏکي ڏرتيءَ جي؟

ڇا اڱ ڏيهه ڏٺا هيا
ڏاهپ هٿن ڏمري؟

من - پيڙا جي ٻولڙي
ڪنهن هٿن ڪرلائي؟

آنيوءُ جو پنن پنن،
ساڳي ساوڪ ساهه ۾ –

برکا رت جهي باک جئن آئين منهنجي من ۾،
جيڏي! منهنجي جيئڙي وارڙي وايءُ وطن،
مون سان گڏجي ويهه اڄ، ساوڻ سنگهاسن!

سمنڊ جئن گرجا جاءِ گهڻنڊ،
ڪئن نہ لهريون ٿي وڇن ٿا!

راتڙي تارن ڏيرئي ۾ ڪاٻ موٺ ڪيو ناهي ننڊ!
سمنڊ جئن گرجا جا گهڻنڊ
ڪئن نہ لهريون ٿي وڇن ٿا!

چوڌطرف آ شور چالجو؟ ڏس تہ ڪنهن کي آهہ ننڊ؟
سمنڊ جئن گرجا جا گهڻنڊ
ڪئن نہ لهريون ٿي وڇن ٿا!

جڳت سارو جاڳ آهي، جاڳ ڪي ساڃاهہ ننڊ!
سمنڊ جئن گرجا جا گهڻنڊ
ڪئن نہ ڇوليون ٿي وڇن ٿا!

ڪيترا ڏيهاڙا پرن ٿا، رات آئي،
رات آئي.

آهه منهنجي هنج ۾ منهنجي سهائي!
رات آئي.

چنڊ وانگر هي تنهنجي ويجهڙائي!
رات آئي.

ور جنهن آيري اسان تي ننڊ ڇائي،
رات آئي.

سمنڊ ۾ ڪيڏي نه سندرتا سمائي!
رات آئي.

نوري! مهاڻا
سارا تنهنجي چار ؛

اِئين رهه آزاد جيئن پکي اُڏاڻا!
ڇو تون ڇڏين چام لئه ماڳر جا ماڻا؟
ڇري، ڪينجهر ڪنڌئين ٻرا نه پاڻا!

هي جو منهنجو ماس،
هي جو منهنجو سپاس،
ڪلا ڪارڻ ڪيترا!

اچا ڪاڻيي آروشيءِ گوليي ڪاليداس،
ڪلا ڪارڻ ڪيترا!

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جهڙي، آڏيءَ جو آڪاس،
ڪلا ڪارڻ ڪيترا!

ڏينهن تني جا ڏاڪڙا واريءَ منجهه وماس، *
ڪلا ڪارڻ ڪيترا.

سيڪجهه مون سان ساٿ آ، ڪجهه به تہ ناهي ناس!
ڪلا ڪارڻ ڪيترا!

---

* وماس = انتظار، تڪليف

پوئين ويرَ اچي وئي آهي، ها پر مان نہ مڃان-
مان نہ مڃان، او مان نہ مڃان، او مان نہ مڃان!
گيت ڳائي ۾ آهن ڪيئي ساوڻ سنگ اچان؛
جيسين ڪڙڪڙ ڪانَ وڃن ٿا پنهنجي سينگ سڃان؛
روشنيون ٿي رمجهم برسان، سارا ڀولَ ڀڃان؛
آنت آهي انڌيارو آهي، جنهن ۾ نيٺ وڃان-
مان نہ مڃان، او مان نہ مڃان، او مان نہ مڃان.

ويئي ڙي ويئي
ڏُنگي وڃ دريا ۾.

ويئي ويئي اوچتو جـر جهـُونـو نيئي-
ڏُنگي وڃ درياهه ۾.

آيون آهون ڪن پيون ڪنڌيءَ تي ڪيئي-
ڏُنگي وڃ درياهه ۾.

ڦهتيون پرينءَ پار ڏي اکيون اڳينئي-
ڏُنگي وڃ درياهه ۾.

ڪيترو تو ۾ اُهاءُ!
ڪيترو تو ۾ هُڳاءُ!
چڻ تہ ڪوئي ڪيت آهين سؤنف جو!

پيارَ! تنهنجي سارَ ۾
مون ڪي نہ آهي رُڪ رڪاءُ

پيار جي خوشبو لڪي ڪئن
تو اُڏامي چڻ تہ واءُ!

تون جتي آنءِ سونهن آهي،
اي پرين تنهنجو سماءُ —
چڻ تہ ڪوئي ڪيت آهي سؤنف جو!

تون جڏهن گذرين ته واڙيون
سؤ سڳنڌون ٿيءِ ويون.

ڦلجي ويو واس تنهنجو چڙ ته پرڏيهي پرين!
ڏينڌ ٿي آڏريون ته آڙيون—
سؤ سڳنڌون ٿيءِ ويون.

تون ملهين سپ جڳ مليو تنهنجا ڳلن جهڙا سڄڻ!
پنڌ ۾ ساريون پهاڙيون—
سؤ سڳنڌون ٿيءِ ويون.

پيار جي مئڌ ۾ گهڙيون وينديون امرتا کي رسيون،
زندگانيءَ کي لتاڙيون—
سؤ سڳنڌون ٿي ويون.

ياد اچين ٿي تون
ڪجهه به ته نه تو آئڙي!

پاڻ ڪٿي وئين پاڻ سان
مون مان منهنجي مون -
ڪجهه به ته نه تو آئڙي!

چڻ ڪنهن ڳهاٽي ستڌ جان
مون ۾ آهين تون!
ڪجهه به ته نه تو آئڙي،

سيج لٿي جو ڳالهڙيون -
منهنجي تيڙ تنهنجون -
ڪجهه به ته نه تو آئڙي!

چڻ ڪا جانجهه وڃي پئي،
چڏئي آهي پيون!
ڪجهه به ته نه تو آئڙي!
ڪجهه به ته نه تو آئڙي!

ميگهه - دوت* تنهنجو
نياپو ڇو نہ ڏنو آ؟

اونداهي آڪاش مان
وڏڦڙي واڪو!

ميگهه - دوت تنهنجو
نياپو ڇو نہ ڏنو آ؟

وڄ ** وراڪا تي ويا،
وسڪارو ڪيڏو!
ميگهه - دوت تنهنجو
نياپو ڇو نہ ڏنو آ؟

تنهنجي منڊ اڃي وئي
ها، پر ساڄن ڇو
ميگهه - دوت تنهنجو
نياپو ڇو نہ ڏنو آ!
نياپو ڇو نہ ڏنو آ!

---

* ميگهه دوت = مينهن جو نياپو آڻيندڙ، ڪالي داس جي نظم جو سِرو.

تنهنجي ڪنجهڙي ڄڻ پريہ *
ڪيل پڻي ڳونجهڙي،
توکي ساريان ٿو.

هي مندماتا نيڻ ڇڻ
ڪيهپ پيو ڇڏڪي!
توکي ساريان ٿو.

منهنجو ڪنڌ اڃا بہ آ
تنهنجي ڪلهڙي تي،
توکي ساريان ٿو.

توڙي ويجهي ڪانہ آن
ناهين پو بہ پري!
توکي ساريان ٿو.

* پريہ = پرين.

چنڊ جا پاڇي نہ پيرِ،
ننڊ چورائي پيو!

واءُ ۾ ڪوئي پکي آ
لات جنهن جي آ آويري —
چنڊ جا پاڇي نہ پيرِي،
ننڊ چورائي پيو!

آپ ۾ ني ايڏي آچاڏِي
ننڊڙيءَ جي آهہ ويرِي —
چنڊ جو پاڇي نہ پيرِي،
ننڊ چورائي پيو!

تو بنان ويھي آجائِي
عمر گهڻگهر ۾ گهيرِي —
چنڊ جا پاڇي نہ پيرِي،
ننڊ چورائي پيو!

ڪِڻ چئون ڪنهن وقت ٿيندا
ڪُوڙ جا هِي ڪوٽ ڍيرِي!
چنڊ جا پاڇي نہ پيرِي،
ننڊ چورائي پيو۔

گیت غزل

گیسوئے غزل

هيڪلڙو، مَن هيڪلڙو

وڻ ۾، پنَّ ته ڪيئي آهن -
پوءِ به پن پن هيڪلڙو

دور ڪَڪرن تان پنڇيءَ وانگر
هيٺ ڏسي ٻَن هيڪلڙو

لهرون، لُڙ، درياهه گهٽيئي
تار تري تَن هيڪلڙو

ڪنهن کي آڇي، ڪنهن سان ورچي
مَنُ آتمَ - ڌَنُ هيڪلڙو!

ايڏي چُپ اپار
چڱي ته ناهي يار!

جي تو وٽ ڪوئي گيت نه آ
ڪا جيءَ منجهان جهونگار۔

ايڏي چُپ چڱي ته نه آهي!
پڙجهڙ، ڪا پڙڪار!

زنجيرن لئه زور نه آهه جي
ڪا ڇهيٽي جهڻڪار!

ڪاري رات ابد تائين آ،
اوندهه تارون تار۔

پوءِ به تهي ڪا جيءَ جهروڪا
لڙءِ لڙءِ منجهه لغار!

پوءِ به ڏئي ڪا واءُ وراڪا
ڪونجڙين ڪڪار!

چڱي ته ناهي يار
ايڏي چُپ اپار!

ڳاءِ وري ڪجھ ڳاءِ ٻانورا
ڳاءِ وري ڪجھ ڳاءِ!

امرت رس ڇلڪاءِ ٻانورا
ڳاءِ وري ڪجھ ڳاءِ!

سنڄ ڏني ڏي، ان ڪان اڳ ۾
رنگ نوان ٻرساءِ ٻانورا
ڳاءِ وري ڪجھ ڳاءِ!

پويان پل پڪارون آهن
تن کي تون نہ لنواءِ ٻانورا
ڳاءِ وري ڪجھ ڳاءِ!

ڏکڻ مينهن پلي وسي، ٻوڙي ته ٻوڙي *

ها، ها پل ٻوڙي
پائو، پل ٻوڙي!

آيري سيج آلهي ويا، ڪيسين ڪو لوڙي؟
ڪيسين ڪو لوڙي؟
پائو، ڪو لوڙي؟

راهه ملي ڪا رنج مان، ڪيسين ڪو ڊوڙي!
ڪيسين ڪو ڊوڙي؟
پائو، ڪو ڊوڙي؟

زنجيرون زندان جون ٽوڙي ڪو ٽوڙي!
ها، ها پل ٽوڙي
پائو، پل ٽوڙي!

ڏکڻ مينهن پلي وسي، ٻوڙي ته ٻوڙي.

---

* ڏکڻ مينهن نه وسڻا وسي ته ٻوڙي.
(هڪ چوڻي)

موت کي مات ڏني آهي ڪنهن
چاتر گياني سوچي—

انت ته ساڳو آهي، ڪهڙي
آنا ڪاني؟ سوچي—

ٻهر آئي ٿي، لهر ته آهي
آني جاني! سوچي—

پر هيءَ ڪوُتا مرڻي ناهي
ڪا مَن - ماني سوچي—

چاتر گياني سوچي ....

غزل

سانوريون نينگريون پنڌ ۾ ٿڪ ٿيون،
چيٽ ۾ چڙهي پيا انب جا وڻ لڏن.

دور ريپاريون ڇڙي وڃن تاريون،
وائڙي ۾ پيا ڪيترا ڏڪ لڏن!

ڇا اُتر جي تپت تو وساري ڇڏي؟
روز جهولا لڳن انب جا وڻ لڏن!

پيار تنهنجو پرين ايترو ويجهڙو!
دل ڌڙڪي ٿي ڪٿي نه ڏانوڻ لڏن!

هيءَ به آ شاعري جنهن سڙءُ ڪانه آ،
روز بادل وسن روز ساوڻ لڏن!

غزل

پاڻ کان ڪنهن هرڻ جيان نه ڀڄو
رڻ ۾ رهڻو آ وڻ جيان نه ڀڄو

سڪ ۽ چڪ ۾ رهي وڃو
ٻار جي منهن ڏي ٽڪ جيان نه ڀڄو

آسمانن ۾ شور ٿي گهاريو
وڄ وانگر وسڻ جيان نه ڀڄو

نه ڏٺي آ نه ڪو ڏنار آهي
مينهن جي ڏينهن ڏڻ جيان نه ڀڄو

ساٿيو! ڳورهاريءَ ڌرتيءَ تي
وقت کان اڳ ڇمڻ جيان نه ڀڄو

ڀير ڪوڙي رهو ڀهاڙن تي
پٿرن جي ڪرڻ جيان نه ڀڄو

رت روڪيي وڙهو 'اياز' اڃان
ڪانئرن جي ڀڄڻ جيان نه ڀڄو

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .





هاڻ ته سيکجھ تو ٻري
رات پتنگا مون ڏٺا
ٻارڻ کان اوري ٻري.

ترس ميان ڪپڙا متيون!
موت ته پيو ڪجھ ڪونه آ
بس، ٿوري ساهي پٽيون.

چا نه ڪبير جي واٽي!
”رام ڪرشن مرندو ڏٺو،
چارئي ويد ڪٿهائي،“

واهه ڪبير جي واٽي!
”مالا ڪاٺ ته ناڪر ڏڪر،
تيرت ڌتو پاڻي“

ميهنڻ ڪيو آ ماڳ،
روهي اُتڙي يار فريدا
هاڻ ته ننڊان جاڳ!

ڏور نہ تنھنجي ڏِکَ!
توکان اڳتي آهہ چا
تون بہ تہ ھڪڙي وِکَ!

گيت نہ پَرکيَئہ ڍولَ!
ڪرشن چَڪَر جئن ويا
جن جا سارا ٻول.

سمجھو تا لوڪو!
راھُو مرڻو ڪونہ آ، *
مري ويو پيو ڪو.

مارو ڏنا ويڻ!
جن سان ڪِرڙ ڪڪوريا
ڪنھن سي ڏٺا نيڻ!

جُڳ تي ويا بيٺي،
ھاڻ تہ آرتيون چوليون
آيون مٿي تہي!

---

* راھو - شھيد فاضل راھو
"ميان ٻُليا، اسان مرڻا ناھين، مرگيا ڪوئي ھور"
(بلھي شاھہ)

وهوا ونَ" آننت جو!
واچوڙو وڏراهه ۾
آهي چڻ تہ بسنت جو!

پاڻيءَ تي فوٽو
ڪيئن چوان ڪيڏانهن ويو؟
باقي هيءَ فوٽو!

هونئن تہ هي ڊايَل،
توکي ڏسي پو بہ چڻ
اکيون بکايَل!

ڪيسين نچي مور؟
پيهر آيون چو ڏهي
گهٽائون گهنگهور!

اکيون پٽيو ڙي!
ميءَ جا ٻاڪ بسنت جي
آتي جهٽيو ڙي!

اکيون کوليو ڙيءِ!
هي جي وڻ ٽڻ موريا
تن سان ٻوليو ڙيءِ!

هي جڳ مڳ جيون ـ
ڇا ڇا هن سنسار جو
سهسين رنگ سپن!

متان آٿين مَنِ،
هي جو پَنُ سڪي ڪِريو ـ
سهسين ساوا پَنَ!

هيءَ ڪنهن جي آ تاتِ؟
جيءَ جهروڪي مان تي اچي
پيئي ڪائي لاتِ!

ڪنهن هي ڪالهه چيو
”قول نه ڦٽو تار تي
منهنجي پاند پيو!“

اهڙو اونهارو،
چنڊ مٿانهون مونجهه ۾-
پاڻيءَ جو وارو.

—

روجهڙيون پيهڙيون-
سج لهي ٿو سانت ۾
سامهون ڳيدوڙيون.

—

اج به سانيٽر ۾!
ڳاڙها ڳل ڦلاريا
روهيڙاي گهٽر ۾!

—

وسي پيو ٽٽر-
ڇيهلا ڇٽين تا پيا
ڪُونيٽ ڪارونجهر!

—

ڪيئن وساريان؟ ڪيئن؟
چاريڻ پيرون منڙا
ڪنهن جي ڇٽين جيئن!

—

تنهنجو ڪهڙو سنگ!
”لڳو لاهوتين سان،
روحل! تنهنجو رنگ؟“

ڇؤ تون ڪهڙي پنون؟
منهنجون سڪن اکيون،
ڪٿي آهين تون؟

مان جنهن ڏوليءَ ۾،
تنهن وٽ ڳاڙهي سڄڻ جون
ڳاهون ٻوليءَ ۾.

آيو، آيو ڍول،
سون - سريکو سپرين
جنهن جو ڏول نه ٽول!

سورج نديءَ تي
رَوِي! تو ڇا تو ڏٺين؟
دونهون هگليءَ تي! *

---

* هگلي = ندي جا ڪلڪتي مان وهندي آهي.

ڪيڏو سانت - سناٽو!
سِنڌُ وَهي ٿي روهه تي،
ڪونجن جو ڪُرلاءُ -

ٻي سڀ جَڏِي ڳالهه،
ڪُهاڙيا، ڪوڏاريا،
گوڏِر وڏِي ڳالهه!

اچا آهين باندرِ!
ساڳيو ڪَسو ڪَرَمُ ۾
ساڳي ڏوري ڏاندرِ!

ٻيهون، نه ٻيهون؟
لِپيڙا لَسُّ وچن پيا
ڪيچ - ڏٺيءَ ڪِيهون!

چڙن جي چِيرَ پُرَ -
ڪَنڊيون چَريا چِپيلڙا
مٺي ڪٿي ڪَرُ؟

وَريا ڇو نہ وَلَـرَ؟
ننڊ نہ آئي رات پَرَ،
ڪَنَ پَئي ڪُوڪَرَ ـ

—

هي ڇا ٿو چاهيان؟
ڏنل ڏاڏائن جي
لوئِي ڪيئن لاهيان!

—

مٿان ڪجهہ واري،
ٿَرن ۾ ٽڪري پوان
پَهون پيماري!

—

هاڻي ٿن جي سارَ ـــ
جن موتين ڪَي مُنهن ڏنو
وَيا سي وينجهارَ - -

—

آرهي- ڪَتن ـ ڪَلاءُ!
وري مينهن پونَ پيا
گَونجن اڄ تہ گَلاءُ!

—

ماڻهن تي ماڻا
ڪينجهر، تنهنجي ڪنڌيئين
چوليئن ۾ چاڻا!

—

منڊون منڊيڙن
ولوڙن جي ويڙ ڇڻ
ٻنگيو پاڻ هٿين!

—

ڇڪ منجهان ڇاڙهو؟
ڪنهن جادو آهي ڪڏهن
هاڙهو تي ڳاڙهو!

—

آه اوهان سان ڇو نه؟
ميندي ناٿ ملير جي
پي مان لايان ڪونه.

—

پرڪان پاڻ نه پڪل!
سائي وڻ جي ڇانو ۾
گهوڙو گهوٽ نه جهل!

—

سنڌوءَ جو پاڻي—
بيڪس، ريشم - پٽ جمن
چڙهيءَ واياڻي!

— —

ولر ويو ڪنهن ڏاران؟
هي ڪنهن جو ڪُرلاءُ اچي ٿو
وچڙي ڪونج قطاران؟

— —

موتَ نه ڪاڏي مات،
وري سڄ لٿو لٿان
راهوڪيءَ تي رات!

— —

اڳتي تي سوچي،
آءُ ڏسان، ڇا لاءِ ٿو
جيوتي باسوءِ ڏي؟

—

ڪنهن ڪي تتي ڪولي؟
پيٺي اُتر واءُ ۽
سارُ ٿئڙي بولي.

—

پير پيلا گُلَ-
ڪارنيون ڪنبريون چانورَ ۾
هيٺ هُلاچا هَلَن.

چانڊوڪيءَ ۾ چارا-
ٻانهن ٻانهن ۾ اڄ به آهن
تنهنجي سنگ ۾ پسارا.

ساوڻ جو جادو-
اڇا تائين پُرت جي
ڪَرَن ۾ خوشبو!

اوڇي اُڀَن تي،
چڙ چوڏس جو چنڊ آ
تن جي پُٺن تي!

هيءَ ڪولهڻ ڪهڙي تي؟
روهيءَ واري ميهن جي
چانڊوڪيءَ جهڙي!

ٽڪا ويا ٽوڏا،
ڏٺي ساري سنسار کي
لٽريءَ ۾ لوڏا.

—

ٽِپن نه لوڙها—
ڪتيءَ جي آڪاس ۾
ڪٽڪر به ٻوڙها!

—

ٻايل ماٺيندين؟
روهيڙي جا گلڙا
اڄ به آٺيندين؟

—

چوُنرا چمڪن ٿا،
مون کي ريتي رات جو
ٽهه ٽهه ٿمڪن ٿا.

—

کيڏا ڏهرن ۾
ٻچڙا ڇنگ وچن پيا!
واريءَ لهرن ۾!

—

هي جو روهيڙو،
اهڙو ڪوئي ڏيهه ۾
آهي ڏوهيڙو!؟

مٿان سرهه چنڊ،
هيٺان ٽنڊي تي آمڙ
اڄان پينهين چنڊ!

اونهارو ليڪين،
پيٽارين تي پکهه چڙهه
آس پيا سيڪين!

منهنجا ڪيت ڪرل
ڇو هي فوجي وڻن تي *
بندوقون ڀرا؟!

ڇاڙو ڇاڙين تا،
ٻڪريون آڪاري ٻيڙيون
ڪنڌيءَ آئين تا.

---

* وڻن = Van

لـَـکن پڙاڏا،
پهيرن آهن، پنڊ ۾
ڏاڏا، پڙڏاڏا!

ويڙهـوتا واسـي،
هـَل سُهاڳڻ ننڍڙي
پرينءَ جي پاسـي!

چـَين ٻه کهڙا چـَين!
ٻيجل ٻه ني ڏيهڙا
سدا ناهي سـَين!

ڪوئي آهي ڙي؟
اکيون ٻوٽي ڪو هتي
موتيو ٺاهي ڙي!

پهچي ساڳي ڀڳيڙ،
ڪنهن هي تنبـو تاڻيا
اسان جي گـَـڙهه لـَـڳيڙ؟

شري وطن

نثری نظم

تون ۽ مان اُن وقت مليا هياسين
جڏهن ڪوهه سڪي رهيا هان؛
۽ ترڻ پاپيهيا اڄ ۾ اڏري ٽڪجي پيا هان؛
جڏهن ترپچاڙيون پار ڪري رهيون هيون
۽ تازيون ٻنيون اڃا ڪونه سُڪيون هيون:
جڏهن ڪوهن ۾
تارن جا ٽُڪڙا نظر نه ٿي آيا،
مون توکي سڏ ڪيا ها
۽ تون مون کي ائين ملي هئينءَ
جئن سارنگا سڏونت کي ملي هئي!

مون سپنو ڏٺو هو ته توُن اچي رهي آهين؛

اهو سپنو پنائيءَ جي واڻ ۾ هو؛

اُنهن گلاب جي گلن ۾ هو، جي تو کان سواءِ تڙي اجايا ٿي لڳا؛

سج لٿي جو ورندڙ پورن جي چمڪن چڙن ۾ هو

جن جي لار اُن ڌرتيءَ تي پري رهي آهي

جنهن تي انڌيارو چانڊجي چڪو آهي؛

سپنو جو اُن جي سرهاڻ جي واءُ ۾ آهي،

جو بسنت جي گهولاءُ ۾

وائڙو ڦري رهيو آهي.

ان ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي
تہ اسان ڪاڻ وڏيڪ
ڪوئي وڇوڙيل نہ آهي—
ديوار برلن ڪنهن ڪرٽ وانگر
ڳوٺڻي کي
اڌوَاڌ ڪري وڌو آهي .
۽ بيٿوون ۽ باخ جا نغما
هوائن ورهائي ورتا آهن،
پر پوءِ بہ جرمنيءَ جا رهواسي
بجليءَ جون تارون ٽپي
هڪ پاسي کان ٻئي پاسي وڃن ٿا؛
۽ مان ويزا جي انتظار ۾
گهر کان ٻاهر کَنڊريءِ اُجنبيءَ کي
چتائي ڏسي-رهيو آهيان
۽ سوچي رهيو آهيان،
تہ هو ڪو سيءَ آءَ ڏيءَ وارو تہ نہ آهي!

گيتا

(لنڊن ۾)

جيئن طوفان ڪان پوءِ
گهمسان ۾ سر پڏي ويندا آهن .
ائين هن جي شڪل صورت
منهنجي روح جي گهراين ۾ پڏي وئي هئي. *
ڪيئي سال ٿيا
زندگيءَ جي انوکيءَ آزمائش ۾
ڪائي لهر
هن کي لوڙهي آئي هئي
جوهو بيچ تي **
سڌو منهنجي آغوش ۾؛
۽ هاڻي مان هن کي الوداع ڪري وڃي رهيو آهيان
(زندگيءَ جو جبر مون کي ڌڪي رهيو آهي)
هيٿرو ايئرپورٽ ڏانهن، ***
۽ سوچان ٿو ته جدائي ٻنهي کي ڪائيندي رهندي
ٻنهي جي هڏن مڪ کي
لارا ۽ زواگو وانگر. ****

---

* پهريون بند روسي شاعر پيسٽرنڪ جي هڪ نظم تان ورتل آهي.
** جوهو بيچ = بمبئيءَ ۾ ساحل جو ڪنارو
*** هيٿرو ايئرپورٽ = لنڊن جو ايئرپورٽ.
**** لارا ۽ زواگو = پيسٽرنڪ جي ناول ڊاڪٽر زواگو جا ٻه ڪردار.

ڪونجن جو وڳر
آڏاٽو
تہ گاھہ
ائين غشيءَ ۾ اچي ويو،
جيئن
سَر ۾ وهنجندڙي
ننڍڙيءَ نؤورنيءَ جي
ڪنھن ٽاڪوءَ تي
اوچتو نظر پوي
۽ هوءَ
وسامي وڃي.

لاڙ ۾
ڪوئي ٻارڙو
چانڊوڻيءَ جي ڦار
ڪاڏي رهيو آهي
يا وات سان
ڳاڙهو باجو
وڄائي رهيو آهي.

آبد جي ڪباڙخاني ۾
اصغر گونڊويءَ جي عينڪ
۽ مولانا آزاد جي
چانهه جي ڪيتلي نظر اچي رهي آهي،
۽ مولانا چانهه پي
سوچي رهيو آهي -
ته ”اصغر گونڊويءَ جي مجموعي ڪلام تي -
مٿاڇ ڪيئن لکان؟
ڇا، مان آها عينڪ لڳائي
اصغر گونڊويءَ وانگر
ڪائنات کي ڏسي سگهان ٿو؟“

ڀلائي ڪي

او منهنجا مرشد!
مان ڪٿي هجان
جي ازل ۽ ابد
منهنجي دسترخوان جي ويجهو نہ هجن–
ازل ۽ ابد،
جي منهنجي شاعريءَ جا بہ غلام آهن
۽ جي غلام گردش ۾
رستو روڪي بيٺا آهن
موت جو،
جنهن جي حملي کان
ورلي ڪو بچيو آهي.

منهنجن لڙڪن ۾
چانديءَ جون تارون اڇي چڪيون آهن؛
مان چاهيان ٿو
ته پنهنجو بياض پوري رکان
۽ اتي ختم ڪيان
اِن افساني کي،
جنهن جي نه ابتدا آهي
نه انتها آهي
۽ ائين چپ چاپ
ڪائنات کي ڏسان
جيئن پٺائيءَ
ڪراڙ جي پير تي ويهي
پاڻيءَ ۾ تارن جي پاڇي تي
رسالو ڦٽي ڪري،
آسمان ڏانهن ڏٺو هو.

مان پنهنجي رسالي تي جهڪيل آهيان،
موٽ پٽتي موتي رهيو آهي
۽ چوڏهين جو چنڊ
هن جي شڪستگي تي کيلي رهيو آهي
۽ درياهه ۾ پاڻيءَ جا ٻُڏبدا
پنهنجون اکيون پٽي،
هن کي حيرت سان ڏسي رهيا آهن!

هي، نيلو، پيلو گھاگھرو،
جنهن جي ڪور ڪيسري آهي؛
هي، سنڌ نگر
۽ اُن جي وانڍين ۾ ويلا
مون کي ڪيترا نه پيارا آهن!
مان، جو دنيا گھمي موٽي، آيو آهيان،
پنهنجي ماتر ڀوميءَ ڏانهن،
۽ اُن جي پيرن وٽ
مون پنهنجي ڪوتا، ڦلن جي ڇاپ وانگر
پيري رکي آهي؛
سوچان ٿو ته دنيا جا
سارا مهان ڪوي ڀلي ته آخر مٽي ٿي ويا؛
پرواهه نه آهي،
جي دنيا منهنجي اُنهن ساں پيٽ نه ڪري!
منهنجي امرتا ته اِنهيءَ مٽيءَ ۾ آهي
جنهن ڏانهن آءٌ موٽي آيو آهيان،
جنهن کي ايئن ڳائي
مان اُن ۾ سمائجو آهيان،
جيئن
پاڳوئيان وڳهڪوٽ کي ڳاتو هجي.

ڇا تون مون کي اجازت ڏيندين ـ
تہ مان
اندرا گانڌيءَ جي موت تي ڳوڙها ڳاڙيان؟
توکي شايد معلوم نہ آهي
تہ اڳ
مون جهانسيءَ جي راڻيءَ جي موت تي بہ رنو هو
۽ آها تلوار.
جا هن جي ڪپيل هٿ مان ڪِري پئي هئي
مون صاف ڪري
پنهنجي شاعريءَ جي مياڻ ۾
سانڍي رکي آهي،
۽ ڪنهن ڪنهن وقت
اُن کي ڪم آڻيندو آهيان
تہ جيئن اُن تي ڪٽ نہ چڙهي وڃي!
مون ايترو ڏک ڏٺو آهي
جو منهنجي اکين ۾
ڳوڙها سڪي ويا آهن،
پر جي اندرا گانڌيءَ جي موت تي
منهنجين اُجايل اکين ۾
ڳوڙها پرجي اچن
تہ ڇا تون مون کي اجازت ڏيندين
تہ پنهنجن ڳلن ۾ پرندڙ باهہ تي
بہ چنڊا وجهان.

مون کي ياد نہ آهي تہ مون پنهنجي صدريءَ
جا بيڙا تڙتڪڙ ۾ پاتا هيا يا نہ!
مون کي ياد نہ آهي تہ جڏهن مون تلوار مياڻ
مان ڪڍي هئي، تہ مون اُن کي چُميو هيو يا نہ!
مون کي ياد نہ آهي تہ مون واڳ وانگر ڇال
ڏئي گهڻا انگريز ماريا ها!
مون کي ياد نہ آهي تہ جڏهن مون کي ڀڏو هيائون
تڏهن مون جي بدن تي گهڻا گهاوَ هيا!
مون کي رڳو اهو ياد آهي
تہ جڏهن تانتيا ٽوپيءَ ڦاسيءَ جي رسي ۾ لڙڪي
رهيو هو
ءَ مون جا تڏا پير چميا ها
تڏهن منهنجي تن بدن ۾
آزاديءَ جا لکين آڙاه ٻري پيا ها.

هي ڪير آهي؟
ڪوئي مسافر آهي؟
ڪوئي خبطي آهي
يا مايا ڪوسڪيءَ وانگر
ڪوئي شاعر آهي،
جنهن جي تيز نگاهه
ڪنهن ماهر جراح جي تکي اوزار وانگر
تاريخ جي سيني کي
چيري رهي آهي!
هو ڪنهن ڪنهن کي
بنواس ڪاٽي
موتندو ڏسي رهيو آهي؟
هو ڇو ٿو چاهي
ته نئين دور جو ويدوياس ٿئي؟
هو ڇو ٿو چاهي
ته ڪُرڪيتر واري جنگ
ٻيهر لڳي؟
ڇا هُن ٻه جونا ۾ ڪائي املهه شيءِ هارائي
هئي؟
ڇا هن ٻه جونا ۾ ڪائي املهه شيءِ هارائي
هئي؟

سبطِ حسن

دليءَ ۾ مري ويو
۽ هن جو لاش ڪراچيءَ کڻي آيا
۽ هنن ڪاڻ ڪڍڻ پڇيو به نه
ته "توکي ڪنهن ٻڌو وڃي؟"

ڇا تون ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهين ٿو؟
لاهور ۽ دليءَ جي رستن تان
رَتَ ڌوپيو ڇڪو آهي
۽ اڃا رَتَ وِيجهي آهي
جنهن ۾ مالتيءَ جا اڇا پُشپ
من جي پوتر ڌا وانگر ترڙي پوندا آهن.
ڇا تون اڃان چاهين ٿو
ته ابوسمبل جي مندر وانگر
نانڪاڻا صاحب کي
ڌرتيءَ تان پٽي
آمرتسر نيو وڃي؟
يا توکي يقين آهي
ته سنت جرنيل سنگهه مٽيو نه آهي
۽ دليءَ جي رستن تي
رت جا نوان تلاءَ پرجڻا آهن.
۽ تون پاڻ سان گڏ
مون تي به ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهين ٿو
ته جيئن دروازن جي پٺي پاسي
مان مالتيءَ جا اڇا پُشپ
ڏسي نه سگهان!

ماڙي - پنيان
اڻويهه سو سٺيتاليهه جو
لهندڙ سج،
وسڪيءَ جي ننڍ گلاس وانگر
لڳي رهيو آهي.
منهنجي من ۾ ايتري نراسائي ڇانيل آهي
جو مان چاهيان ٿو
ته ساري رات پيئان،
جئن ڪيپ جي ڇولين ۾
منهنجو اٿاهه دک
ٻڏي وڃي.
مان ٽپو ڏئي
ٽرام تي چڙهي ويهان ٿو
۽ وڃان ٿو نيپئررود ڏانهن
ٺري جي بوتل وٺڻ لاءِ
ٽرام
رستي تان
ڪيئي مزدور
۽ ڪيئي خلاصي
کنيا آهن
جي موٽي رهيا ها
ڪياماڙيءَ تان.
شايد آهي به وڃي رهيا آهن
ٺري لاءِ،
پنهنجو ٿڪ مٽائڻ لاءِ.
ٽرام ۾
ڪيڏي نه پيهه آهي!

منهنجا ڪلها گسي رهيا آهن
مزدورن جيان،
۽ خلاصين جيان،
اُنهن جي مائٽن جيان،
ڪيڏي نه سگهه آهي!
آنهن ۾،
ڪائي ڏراءَ ڀائي نه آهي،
۽ آهي ٻئي ڏينهن ڪان،
مون وانگر ـ
هراسيل نه آهن.
شام جو ڪراچي
ايئن وڃي رهي آهي
جيئن ڇوڙ وٽ سنڌو وهندي آهي،
۽ ڏکڻ،

منهنجي من ۾
ڪويل وانگر
ڪوڪي ڪوڪي
سانو تي پيو آهي..

٩

منهنجي ديس جا
چين نواز اشتراڪي سوچڻ ٿا
ته ڇا مائو ڊينان ۾ مري چڪو آهي؟
ڊينگ آمريڪا جا جوتا چٽي رهيو آهي
پر اڃا هو اهو مڃڻ لاءِ تيار نه آهن
ته مائو مري چڪو آهي!
هو اهو نٿا سمجهن
ته ڪنهن به پيغام کي ابديت نه آهي،
ته جو پيغام صليب تي چاڙهيو نه ويندو آهي
پنهنجي موت مري ويندو آهي،
ته پيغام به فاني آهن
انسانن وانگر.
اي ڪنفيوشس!
تو ڪڏهن ڇو ڪٿا ڪيا آهن،
ڇا تون سون کي پٽي رهيو آهين؟

جيئن ڪنجين جا
پرپور گوشا
لٽڪندا آهن،
ائين
ڦاسيءَ جا ڦندا ٽنڙي پيا آهن
۽ انهن ۾
ڪنڌ لڙڪي رهيا آهن،
اي آزاديءَ جي رُت!
تون اڃي وئي آهين
تون اڃي وئي آهين!

اڪويهين صدي شروع ٿي چُڪي آهي.
اڌ رات جو
سماسٽا ڪان اينڊرز گاڏي
سکر جي پُل تان لنگهي رهي آهي
۽ اُن جي بتين جي روشني
پاڻيءَ ۾ پئجي رهي آهي
پُر اسرار
دل آويز
محبت جي وارفتگيءَ وانگر
خواجه فريد جي ڪافيءَ وانگر.

ٻڌين ٿو؟
شيون ڳالهائين ٿيون!
هي ڏنبورو آهي، جو پٽائي وڃائيندو هيو
۽ اُن جي تارن مان
رابيل جا گُل ڦٽي پوندا ها،
جن جي هڳاءَ ۾
سڀ ويڙهجي ويندا ها.
هي ڪبير جو چرخو آهي
جنهن جي تاڃي پيٽي ۾
سارِي ديس جو من
اُڻجي، هڪ ٿي ويو هو.
هيءَ اها رسي آهي
جنهن ۾ نانا صاحب کي لٽڪايو ويو هو
۽ جا اڄان تائين هوا ۾ لٽڪي رهي آهي
۽ نه ڄاڻان
ڪنهن ڪنهن سِرَ جي منتظر آهي!
تون جو
منهنجي شاعريءَ کي سمجهڻ جي
ڪوشش ڪري رهيو آهين،
ٻڌين ٿو؟
تاريخ جي عجائب گهر ۾
شيون ڳالهائن ٿيون.

سيڪريٽريٽ ۾
هو فائيل بند ڪري،
فيض جو شعر جهونگاري رهيو آهي—
پيڙو ڪه مفت لڳادي هي خونِ دل ڪي ڪشيد
گران هي اب ڪي مي لاله فام ڪهتي هين.
فيض ته پنهنجا شعر محنت ڪش عوام لاءِ لکيا ها؟
هي جو رت‌پياڪ طبقو آهي
جنهن جي واڇن مان
محنت ڪش عوام جو خون ٽپڪي رهيو آهي،
فيض کي ڇو ڳائي رهيو آهي؟
فيض ته پنهنجي زندگي ڏئي
اها شاعري ورتي هئي،
جيتوڻيڪ هو به انهيءَ محنت ڪش وانگر هيو
جنهن کان پنهنجي محنت جو قل کسيو ويو آهي،
جنهن جو خون
انهيءَ رت‌پياڪ طبقي جي واڇن مان
ٽپڪي رهيو آهي
۽ جنهن جيءَ تقدير تي
سيڪريٽريٽ ۾
اهو فائيل پوتيو ويو آهي.

منهنجون نظرون
هڪ سروينر وانگر
تنهنجي قبر ڪچي رهيون آهن
قبر، جا ڪراچيءَ ڪان ڪارومنڊل تائين آهي،
۽ جنهن تي انبار ڪنڊن جا نڪتا آهن.
نه ڄاڻان تنهنجي روح ۾ ڇا هيو
جنهن مان ايترا ڪنڊا نڪتا آهن!
نه ڄاڻان توکي ڇو نه ملي سگهيو
اهو جيئڻ
جو ڪنهن سؤنف جي ڪيت مان گذرڻ وانگر
لڳندو آهي.

هي ڪهڙو بسنت آهي؟
پنن تي ماڪ موهيڙن وانگر لڳي رهي آهي!
پکين جا پر
هڪٻئي کي
ڪئنچين وانگر ڪٽي رهيا آهن ۽
اورنگزيب اڃا تخت تي آهي
۽ دارا جو روح
پنهنجيءَ مزار ۾
پنهنجيءَ شهادت تي
افسوس ڪري رهيو آهي!

چيني سيلاني
شيوسانگ،
ڪوئيشيو ر جي بندر تي لٿو آهي؛
پوياڙيءَ جو سج
سمنڊ تي
ڪنهن غدار جي چمڙيءَ وانگر لڙهي رهيو آهي؛
شيوسانگ مون کان پڇي ٿو
”ڇا هن ديس جو نالو سنڌ آهي؟“
مان وراڻيان ٿو: ”هائو، هن ديس جو نالو سنڌ آهي“
هو وري پڇي ٿو ”ڇا اِن جي ٻيرين ۾
سونا ٻير ٿيندا آهن؟“
”هائو اِن جي ٻيرين ۾ سونا ٻير ٿيندا
آهن“ مان جواب ڏيان ٿو، ”پر ريهارين
جا گل اُنهن کان وڌيڪ سونا هوندا آهن ۽ ٿر جي
ريتيءَ تي سج جا سونا شعاع به“
شيوسانگ وري مون کان پڇي ٿو: ”مون ٻڌو
آهي ته هتي پٽ پٿيهر ڏاڍو عمدو ٿيندو
آهي؟“
”هائو“ مان جواب ۾ ڪنڌ ڌوڻيان ٿو. ”هائو
سومراسڙ تي جڏهن سومريون پاڻي ڀري پٽ
تي ويهنديون آهن، تڏهن ايئن لڳندو آهي ته پٽ جا
ٽاڪيا اُڪلي پيا آهن“
ڪجهه سوچي وري هو پڇي ٿو ”مون ٻڌو آهي
ته هتي گيت ڳائيندا آهن جن کي ’جِڪڙيون‘

ڇيو ويندو آهي. ماڻ اُنهن ۾ جهڪڙجي، ته نه
ويندس؟ مون کي پنهنجي ديس موٽي وڃڻو
آهي"
"هائو تون اُنهن ۾ جهڪڙجي وينديِن."
ماڻ هن کي چوان ٿو، "۽ جي تون اُنهن ماڻ
پاڻ ڇڏائي به وئين ته هن به ساري عمر
تنهنجو من اُنهن ۾ جهڪڙيل رهندو"
شيوسانگ ڪوٽيشور جي بندر تي وچي رهيو آهي
۽ سامهون سمنڊ تي
پوياڙيءَ جو سچ
ڪنهن غدار جي چميءَ وانگر لڳي رهيو آهي.

”هن ديس ۾ هڪڙو پن به اهڙو نه آهي
جنهن کي آءٌ نه ڏيو چوريان“
(چليءَ جو صدر آگسٽو پنوچي)

پنوچي!
آلنديءَ جي دل به هڪ پن آهي
جو ڇڙي پري رهيو آهي
تنهنجي بندش جي باوجود
۽ تون
ان پن جي ڇرپر
گولين سان بند نه ڪري سگهيو آهين،
۽ جيڪو ان طوفان جي انتظار ۾ آهي
جنهن ۾ ڪروڙين پن
تاڙيون وڄائي،
ان انقلاب جي آجيان ڪندا
جنهن جو انتظار
هو اڄ
خاموشيءَ سان ڪري رهيا آهن.

مون ليار جي وڻ کي چيو:
”مون کي بُک لڳي آهي
”تو ۾ ڳاڙها ڦلّ ڪڏهن ايندا؟“
۽ پوءِ شام ٿي وئي
۽ شفق جي ڳاڙهاڻ ۾
ليار جو وڻ ڪجهه سوچيندو رهيو.

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .



وطن

ڪوڏ ڪيئن ڪناري تي
سمنڊ کي سمايو آ؟

شور تو ڪڏهن آن ۾
هانو سان هنڊايو آ؟

ايئن ڪئن آهن جي،
هين سنداءِ ساري کي
پاڻ ۾ سمائين تا
ڪوڏ جئن ڪناري تي!

چپ چپاتي آهن پر
نيٺ هاڻ پرجي ٿو،
نيٺ سپ مان اپري
سمنڊ جيئن گرجي ٿو؛

بس اها تمنا آ،
ڪوڏ جئن اگر چاهيان،
شاعري ۾ پنهنجي
سمنڊ ڪيئن ڦهلايان؟

علي الصباح که مردان به کار کار روَند
بلاڪشانِ محبّت به ڪوئي يار روَنـد
(هڪ پارسي شعر)

ٻاکَ ڦٽيءَ جو شعر لهن تا
مون تي سڄ ـ اُهاءُ ڪري؛

رَتّ اُڀڙڪا ڪائي ٿو ايئن
ڏينهن ٽتو جيئن تاءُ ڪري!

سارو وقت تہ رهندو ناهين،
ويندو آنهہ سماءُ ڪري!

ڪيسين ڪُوءِ ڪلالن جي ۾
منهنجي ذات هڳاءُ ڪري؟

آءُ تہ آدرياءُ ڪري ڪو،
تنهنجو آدرياءُ ڪري!

اڄـا اُجهاڙـل ڏيٺو نـاهيان،
تـون جـو اڇٺو آهيـن، آهُ!

تنهنجي ڪـارڻ ليـٺا پـاتـا
ساري رات جـَلـِي مون در تي؛
ڪيـڏو ڪـارو انـڌيـارو آ
پنهنڪي تـائين سانيـَر تـي!

چاڻ پـرهـ جـا پنڇي اُڏريا!
تـوڙي پـوئيـن آهـي ويـرا،
منهنجي جوت اڄا به ٻري ٿي
اڄا تڪيان تـو تنهنجا پيرا.

اڄـا به سـاڳيو ليٺو آهيان
اڇٺو آهيـن جـي تـون، آهُ!

تون جو ڇڻ ڪنهن وقت ڏسين ٿي
جهُڙَ جي جهالر مان،

منهنجي ويڙهي جي آڳر ۾
املتاس جي وَڻ تي جهڙو
پُورو چندرمان !

آءُ ڇهان ٿو تُنهنجو مکڙو
جنهن جي سندرتا ۾ ڦيرو
سَمئہ نہ آندو آ!

ڦُول - جيان آ - ساڳيو مُکڙو
جنهن جي سندرتا ۾ ڦيرو
سمئہ نہ آندو آ!

پيار تہ مون سَؤ پيرا ڪيو آ
پوءِ بہ چئو هڪ پيرو ڪيو آ؛
مَن اُجرو آهي اڄ تائين
ڪنهن چنچي تن ميرو ڪيو آ!
ڪيتري سالن کان ڪنهن پنڇيءَ
مون ۾ ڇو آکيرو ڪيو آ!

ڪنهن گوڪل جي متوونتيءَ اجهي *
سارَ سهاري گذريو جيون،
اندرڌنش جنن جنهن جو مکڙو *
تنهن کي ساري گذريو جيون،
سو مکڙو آ اڄ بہ هٿن ۾
پيو سڀ واري گذريو جيون.

---

* متوونتي = ماڪيءَ جهڙي.
* اندرڌنش = انڊلٺ

لاهور جي انٽرنيشنل هوٽل ٻاهران

رات جو سڄو صحرا
دور دور رستي تي
ٻيھر تا وچن تنهنجا،
ڪيترو ٻري ويندين،
آءٌ هي نہ چاڏان تون،

دل پڇي چيو، ”توکي
”اِن طرح سمايان آءٌ،
”دل اندر ڇپايان آءٌ،
”دور ڏين نہ تون مون کان“

تون مگر رُسي جانان
اِئن وچي رهي آهين،
چنڊ جيئن بادل کان
دور دور ويندو آ.

آءٌ تو تڏهن سوچان،
”اڄ جدا ٿيون تون مان
”سو گهڻو چڱو آهي
”موت جي جدائيءَ کان،
”جا ڪڏهن نہ اچڻي آ.“

شاعري طبيعت تي
ايترو ته چانئي آ،
هيءُ اُيام چولين جهڙي
چڙ ته پوڏ آئي آ!
ڪيترو آڏوٽ آهيان
پوءِ به مان آئوٽ آهيان،
مٿن ۾ رَتا ڪيئي
شعر ليڙڪڙائن ٿا.
پوءِ به آتٌ آنيوءَ سان
ڪينرو وڃائن ٿا؛
جيءَ ۾ جهمر آهي
يار سنوَ ڪَٿا آهن
وارَ هينَ حياتيءَ جا
سات جن سٿا آهن؛
چؤطرف زماني جا
ڏاڍ ۽ ڏمر آهن.
پوءِ به گيت ٻرسن ٿا
آيّ ۾ چمر آهن؛
ڪير شعر ٿو جوڙي؟
ٻَندَ ڪير ٿو توڙي؟
هيءُ ايامَ چولين جي،
هيءُ اڏامَ چولين جي،
اگ ڪڏهن نه آئي آ؛
ڪيتري سٿهائي آ!

چنڊ رات اِي ساٿي
ڏس ته ڪيئي روهيڙا
چڙهڻ لڳن پيا ٿر ۾،
ڏهر ڏهر ڍوهيڙا.

سانت نه آهي ونڻ ونڻ جوءِ
ٻول ٻوال آ آهڙو
آ وشال واريءَ تي
چنڊ چيٽ جو جهڙو.

آڌيءَ جي خاموش نگر ۾ تون جو ايندڙي آهين
منهنجين آڱرين تي پنهنجا وار وڇائيندڙي آهين،
۽ پنهنجي پهلوءَ ۾ آڻي مون کي چوندي آهين:
”مون کان دور رهي تون ايڏو ڇو ٿو مون کي چاهين؟
”ڪيڏو دور رهان ٿي توکان ٻيءَ ڪنهن دنيا ۾،
”مان جي هاڻي ايندس تو وٽ رهندس مان ڇا ۾؟
”منهنجو جنم جنم جو توسان ساٿ ته رهڻو آهي
”توڙي آهي ٻين پرتان ساٿ ته رهڻو آهي،
”نيٺ ته توسان ملڻو آهي مون لئه جاءِ ڇڏي ڏي
”پنهنجيءَ دنيا ۾ تون مون کي تيسين هاءِ ڇڏي ڏي!“

دور ستارا پوڙها آهن
چنڊ به پوڙهو آهي،
يا هو پوڙهو ناهي؟

هن ساري سنسار کي ڪوئي
چوڏاري ڪو لوڙهو ناهي
يا ڪو لوڙهو آهي؟

ديپ ٻُجهن ٿا ديپ ٻَرن ٿا
ڏاڍو ڏور ڏياڙيون آهن
جي وِسمَئه مان مَنش ڏسن ٿا.

وشوُ جيئن ڪو مندر آهي
ڇا ان ۾ ڪوئي دَر آهي؟

مورتيون ۽ سڀ پوڄاري
ان کان ٻاهر ڇو نه وڃن ٿا؟

هونءَ وشال لڳي ٿو، ليڪن
گهيرو ڪيڏو سوڙهو آهي!

وِسمئه = حيرت
مَنش = انسان
وِشوُ = ڪائنات
وشال = ويڪرو، وسيع

منهنجا گيت ڪڏهن اي ڌرتي!
چئه، تو کان ڪو مُلهه گهُرن ٿا؟

مون کان پوءِ اِهي اِئن لڳندا
اِنڊمانَ جي ڇانڊوڪيءَ ۾
ڄڻ ڪي هڏڙا پڪڙيل آهن ـ

هڏڙا ڪنهن کان ڇا ٿا چاهن
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!

اِنڊمان = ٻيٽ، جنهن تي انگريزُ باغين کي سزا طور موڪليندا هئا.

ڪجهه به نه ٿو اچ پاسي مٿ ڪي
سانت سمندر جيئن آهي
جنهن ۾ آءٌ سمايل آهيان،

آسمان جي نيري ڪُنَ ۾
نيروتيءَ جي نيٺن وانگر
گهُوريان ٿو، گهيرايل آهيان.

ڪيڏي سانت وڇايل آهي
جهرمر جهرمر تارن ٻٽن تائين
جن جي حدّ حساب نه آهي!

ڪنهن پينوءَ جي پاندَ جيان جڙ
هي سارو ڪجهه پالهو آهي؛
ڇا، هي سڀ ڪجهه خواب نه آهي؟

چانڊني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان،
چڻ تون هئينءَ.

يا سڳنڌن ۾ پريل ڪنهن واءُ جي جهوٽي جيان،
چڻ تون هئينءَ.

ڪيرتر تان ڳڏ ڪو نه ڳاج تي جيئين جهڪي،
تنهن مان هئس.

رڻ ۾ ڪوئي هرڻ پاڻي ڏسي ڏاڍو ڊڪي،
تنهن مان هئس.

تون ملينءَ مون کي ته سارو جڳ مليو، ٻيو ڇا کپي!
منهنجي سڪي!

ماڳ ڏاڍو آ پري، جي ڏڳ مليو ٻيو ڇا کپي!
منهنجي سڪي!

سارو عرش منوّر آهي
چنڊ گلي ۾ چمڪي ٿو؛

دور پٿائيءَ، جي بستيءَ ۾
سِچَل پنهنجي سرمستيءَ ۾
بيٺو مون کي تاڙي ٿو؛

چنڊ گليءَ ۾ چمڪي ٿو
سارو عرش منوّر آهي.
ڇا هي منهنجو ڏي گهر آهي؟
ڇا هي منهنجو بستر آهي؟
جنهن وٽ ڪوئي روئي ٿو؛

ڇي، "هي شعر اڌورو آهي
"ويٺي ڪالهه لکيائين ٿي جو
"جهونگاري سوچيائين ٿي جو،
"پانيان ٿو اڻپورو آهي."

پرسان ڪوئي سوچي ٿو،
"بس، هي هاڻي اڇو ناهي
"پور پتڻ جو پويون آهي
"ڪٿي وڃي ٿي ناوَ نه ڄاڻان
"دور ڪنارا مان نه سڃاڻان."

آءٌ اُنهن جي سوچ پڙان ٿو
موتي تن کي آءٌ چوان ٿو

”توڙي ڏور اُسهڻو آهيان
آءُ اوهان ۾ رهڻو آهيان“

پر هُو مون کي ڪونه ٻُڌن ٿا
لُڙڪ اگهن ٿا، پوءِ چون ٿا

”هن جا گيت نه سپنا آهن
”پر هي سپنا سچّا آهن
”آزاديءَ جي وِڪِڙ وِڪِڙ تي
”هن جا پيرا چِٽّا آهن،
”هن جا گيت نه مرڻا آهن
”گونجَ نه اِڳتي تن جي گهٽبي
”گيت نه ناهن جهڙا آهن،
”امر گيت جي بارش وانگر
”دَر دَر وَر وَر وڙڻا آهن؛
”نيث ڦلن رُتڙ اُچّي آهي
”هن جا پاڪ سنوڙا آهن،
”هن جا گيت نه مرڻا آهن.“

پوءِ ڪو مون کي ڳائي ٿو
چنڊُ ڳليءَ ۾ چمڪي ٿو
سارو عرش منوّر آهي.

”مرزا رُسوا“ وانگر شاعر
فرش نشين آ،
جام و صراحيءَ جي گردش ۾
عرش ٻَرين آ؛
ڇيما ڇيما ڇم جيئن - جادو،
دور ستارا
’اُمراءُ جان آدا‘ جا گهنگرو
آسمان جي ڪونئي تي چڙهي
ڪوئي غزل سرا آ!
غزل به اهڙو جنهن جو ڪوئي
مطلع ڪونهي
مقطع ڪونهي۔

ٻاٻن

موڙتيون ڪجهه آهن منهنجي
جيون جي پيچواڙي ۾
جن جا سالم سنڌ نه آهن
جن ڪي ڪلهن تي ڪنڌ نه آهن!

هي جي ٻه ٽي آڳنڌ ۾ آهن،
يا جي مون ڏي پنڌ ۾ آهن،
تن ڪان آءُ لڪايان ٿو چهرو
جيون جي پيچواڙي ڪي
پنهنجي پريت جي ڏاڙهي ڪي.

ڪيڏو ياد ڪيان ٿو توکي
تنهائيءَ ۾!
تون جو جيئڻ جو جس آهين
ڪهڙو ڇو ٿو تون ڪس آهين!
جيئڻ مرڻ جي هر ناتي کي
معنيٰ ڏين ٿو
ڏک سک ۾ سڌ وڙائي
ڇا ڇا ڏين ٿو!
هر ساپيا کي سپنا ڏين ٿو
هر سپني کي ساپيا ڏين ٿو
مون کي ڌرتيءَ سان وا ڳي تون
تارن تي ڪنهن وقت سڏين ٿو
جهونجهڪڙي ۾ ماڪ پوي تي
تون مهڪين ٿو،
باک ڦٽيءَ جو پڻ پڻ پنڇي
ٿي چهڪين ٿو،
گاهه مٿان جئن واءُ لڳي ٿو
تون لهڪين ٿو،
روز نوان سر تون آڇين ٿو،
مون ۾ آڳ جيان دهڪين ٿو،
مون سان ڪُوڪلالن جي ۾
تون بهڪين ٿو،
منهنجي ڪوتا تين ٿو.
توڙي عمر سڄي مان ڳايان
مان تنهنجو احسان چڪايان

ممڪن ناهي،
پر هي چاهي!
تنهنجو نانءُ وٺن ٿا ماڻهو،
توکان وڻءَ وڇان ٿو آئون
توکي ڪونه مڇان ٿو آئون،
توکي مٽيءَ جي ماڏوءَ جئن
بيهي روز پڇان ٿو آئون!
تون ماڻهوءَ جي مُنهن تي ڇو اِئن
نانگ جيان لهرائين بيٺو؟
ڇو تون مون کي ڪائين بيٺو؟
تون جو سارو سپنو آهين
ساپيا جي اگرن تي مون کي
نِت نئون تڙڪائين بيٺو!
ڇا مان ڪو ديوانو آهيان
ڇو مون کي پسرائين بيٺو؟
يا.... مون کي ڪجھه ڏي ته نه پيو آ،
منهنجو من ٽڙڪي ته نه پيو آ؟

هيءَ ننڊ ۾ امرت وانگر آ!
اڌ رات، وڇوڙي جهڙا
پل پهر نه آهن پيالن ۾
اڄ منهنجا نيڻ اجالن ۾
هن ڌرتيءَ جي انڌيارن مان
واجهائن ٿا،
۽ تو کي ويجهو پائن ٿا؛
هيءَ ڌرتي ڪيڏي ڪاري آ!
انڌياري آ!
۽ تنهنجن منهنجن هردن جي
ڦولن تي ڪيڏو ڀاري آ!
هن ڌرتيءَ تي
تو کي مون کي ڪيڏو ناهي
ڏينهن ڏني جو مٽو ناهي؛
لنگهڻ لڪن ۾ سوڙها آهن،
ڪوڙها آهن
ماڪ ڦڙن ۾ ٻاڪ ڦٽيءَ جا
ڌن سان تون منهن ڌوئين ٿو ٿي؟
روئين ٿو ٿي؟
دور سڄي، پر ويجهو آهين
منهنجي سپنن ۾ تون سڙدي!
هيءَ ڪاري، انڌياري ڌرتي
سپنن جي بي انت نگر تي
اُن جو ڪوئي وس نه آهي،
آءُ، ستارن ڌان سپنن ۾
آءُ، هلي آ —

شهر سيلاب ۾
دور لڙهندو ويو ٿي جڏهن خواب ۾
ڪشتيءَ نوح جيئن–
تو ڏٺو چوطرف رات ڪنهن روح جيئن.
سوچيو مون تڏهن
(تو منهنجو ڏسي لڙڪ لاڙيا جڏهن)
بمبئيءَ ڇو وڃين؟
تون ڪراچي هئين، تون ڪراچي هئين!

امير خسروءَ جي مزار تي

مون لاءِ اڄان
ديوار رڳو آئينو آ،
ٿو اڄ به اُن ۾ چنڊ ڏسان
جو اُڀري آيو آهه مٿان
خسروءَ جي دَرخشان مرقد تي—
۽ 'گيتا' ڪيڏي پيار منجهان
هڪ شمع جلائي آ ته مان
جا روشنيون ڦهلائي ٿي
خسروءَ تي نور وسائي ٿي.
ديوار رڳو آئينو آ
جنهن مستقبل جي ڏيک ڏني
مان سوچان ٿو ڪجهه دور ڏسي
جي منهنجي شمع وسامي ٿي،
هي چنڊ سدائين رهڻو آ
خسروءَ جي مرقد تي،
هي چنڊ نه بيٺو آهي ڪٿي
ڪهڙيءَ به سرحد تي.

اڪٽي

ڏسان ٿو ڇا ڇا؟
ڇڻ اُڏري شاهين جا
پون ٿا پاڇا!

ڏسان ٿو ڇا ڇا؟
اُتر ڪان ايندا ڪٿان
نقرا گهوڙا ڇا؟

ڏسان ٿو ڇا ڇا؟
تو ٿي رتي باک ڪا
اُڀري ٿي ڪا ڇا؟

ڏسان ٿو ڇا ڇا؟
هو جي منهنجا سپرين
وري ايندا ڇا؟

لوهي دروازي تي تالو
ڇا اُن کُلڻو ناهي؟
جهيڙ ايئن ته نه مچڻو آهي!
هي تالو جو آهي نرالو،
ڇو جهيڙ جي ڪوهر وانگر
سڀ ڪي گڏجي پيچڻو آهي.
هر جهيڙي ڇو روز پُڇي ٿو
ڇو هي دروازي تي تالو
اڃان لڳو پيو آهي؟
اڃان لڳو پيو آهي؟

فلسطين جو گيت

جلاوطن يارو،
اوهان ٻنهن کي ٻڌائيندا اوهان جو نيتارو!
سچ سدائين آيو آهي اوڀارو،
غلط اٿئو چارو
وڃو نه لهوارو!
جلاوطن يارو!
جيت نه آ ڏارو
هار سدائين ڪوڙ جي آهي
سوڀ سدائين سچ جي آهي.
ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ وجهو اڄ
سچ جو بالا ٻول ڪيو اڄ
ها اهڙو ماحول ڪيو اڄ
جو آيري نعرو:
"پنهنجو ديس اسان کي ڏاڍي
"ٻيهر حاصل ڪرڻو آهي
"پنهنجن بندوقن کي تاڻي
"هر دشمن کي موت آماڻي،
"پنهنجو ديس اسان کي هاڻي
"ٻيهر حاصل ڪرڻو آهي" ——

نعرو ڪو هٿيار نہ آهي
پوءِ بہ اُن سان ڪائي ٿنهنجي
دل کي ڇو تسڪين ملي ٿي.
زندان جون ديوارون تو لءِ
روز اڳي کان اوچيون، ليڪن
نعري لءِ ديوار نہ آهي؛
روز ٽپي ديوار وڃي ٿو
ڇو تہ پراهين پار وڃي ٿو؛
ها، پر هاڻي تنهنجا نعرا
تو کان پهريدار کسين ٿا
تو کي گونگو گس ڏسين ٿا؛

سڀئي هاڻي اِئن سوچين ٿا،
”نعري مان ڇا ملڻو آهي؟
”نعرو ڪائي گولي ناهي،
”ها دشمن تي وار نہ آهي،
”نعرو پر هٿيار نہ آهي
”اُن جي چيڙي تي اَڄ ڪوئي
”آزاديءَ جو پار نہ آهي“

ساري ديس ڇڏي سڀ نعرا
چپ چپن تي لاڏي آهي
اندر جهاڙي پاڙي آهي.

هي سنڌوءَ جي چَرَ ۾ تنهنجو
لاش پيو آ —
عطر عنبر جي آن ۾ ڪائي
اڄ به خوشبو آهي،
تنهنجي موت حياتيءَ ۾ ڇڻ
ساڳو جادو آهي!
باقي تنهنجي ساري سِمِنا
اڌري وئي آ
ڇڻ پڄري مان ڪائي مِنا
اڌري وئي آ!
آءٌ پڇان ٿو هوي توڪان، "ڇا
"اڄ به تنهنجا نيڻ ڏسن ٿا
"تلوارن جا تيج هوا ۾؟
"پيهر رُت جا ريچ هوا ۾؟
"هُرنڌڙ ڪائي هيج هوا ۾؟
"يا تون منهنجي نظر لڪڻ لئه
"ماريو ويو هُئين؟"

هي جو اختياري ڌرتيءَ تي راڄُ ڪري ٿو
ماڻھو نِندا ڪن ٿا هُو جنهن وقت مري ٿو،
سچُ آهي ته هُن جا سڀُ ڪرتوتَ ڏسن ٿا
هُن جي پُٽر مِٽيءَ ۾ سڙيو پيوتَ ڏسن ٿا،
۽ هو پاڻُ مِٽيءَ سان مٽي ٿيو ويو آهي
ڪِٿن ڇنڇي ڪنھن وقت هٿي هو جيئرو آهي!
جيڪو هُن ڪان پوءِ اچي آيمانُ ڇڪي ٿو
ڪونه لهي ٿو، ڪُرسيءَ تي جيڪي پيرُ رکي ٿو
اِئين سمجهي ٿو ”خال ته مون کي مرڻو ناهي
”ڦهڪو ڪاڻي ڍيپ“ مٽيءَ جيئو پيڙو ناهي،
”مون کان اَڳ ۾ جي آيا ٿي ويا مگر مون کي
”مرڻو ناهي، مرڻو ناهي، مرڻو ناهي!“

آزاديءَ لئه روز مرن ٿا
ماڻهوڙا.
ايشيا يا آفريڪا آهي
لاطيني آمريڪا آهي،
مرندي تائين ڪونه ڊرن ٿا،
ماڻهوڙا.
آخر هي آزاد ته ٿيندا
پر ڇا هي جلاد نه ٿيندا؟
ڪنڌ آڏيءَ تي روز ڌرن ٿا،
ماڻهوڙا.
ڪلهه جن آزادي ٿي چاهي
ڌاهن ٿا ٻئي ڪنهن لئه ڦاهي
فاتح ٿي جنهن وقت وڃن ٿا
ماڻهوڙا.
واه! آهائي ڪار ڪرن ٿا
ماڻهوڙا
جنهن مان جيئڻ ڇڏائڻ خاطر
روز مرن ٿا
ماڻهوڙا!
ويريءَ جا جنهن وقت آڏيءَ تي
ڪنڌ ڌرن ٿا
ماڻهوڙا.

واءِ، آهائيي ڪارِ ڪـَرن ٿيا
ماڍهوئڙا!
ماڻهوئڙا
او ماڻهوئڙا،
او ماڻهوڙا!!

راج - مهاڇڻ ڪوئي ناهي هرڪو پاڻ وڏو آ،
پر جنهن کي بندوق نہ آهي سو ڇڻ مڙس جٺو آ.

هائو، هيءَ مخلوق وڏي شيءِ آهي
تنهن کان پوءِ بندوق وڏي شيءِ آهي.

بادل آيا، ڪيڏي اُڻ تُڻ آهي تارن ۾!
مور اڏاڻا، گونجي ٿي بندوق پهاڙن ۾.

ڪالهہ ڪتيا جي رس تي جهي چارڻ ايندا ها
روز لڙيءَ ۾ ڪوئي پارڻ پارڻ ايندا ها،

هاڻي هن بندوق جي ٺڪ ٺڪ اهڙي واٽي آ،
هرڪو چاٽي ٿو تہ اُنهيءَ جي آمر کهاڙي آ.

هائو، هيءَ مخلوق وڏي شيءِ آهي
تنهن کان پوءِ بندوق وڏي شيءِ آهي.

”جو چوين ٿو
سا حقيقت آهي، شاعر،
پر اهو ممڪن نہ آهي“

مان پڇان ٿو،
”ڪوڙ ڇو ممڪن لڳي ٿو؟
”سچ“ ڇو ممڪن نہ آهي!
”جهڙ“ اندر جو سچ“ آهي
”ٿورڙو روشن لڳي ٿو
”ڇو بہ روشن نہ آهي!

”سچ“ آخر سچ“ آهي؟
”ڪوڙ“ آخر ڪوڙ“ آهي!
”ڪيستائين ڪو نہ مڃندو
”سچ“ بہ جو سچ“ آهي؟

”جي پتنگ آهين تہ پيارا
”سچ“ تي قربان ٿي وڃ!
”جو بہ مڃندو سچ، تنهن
”سچ“ تي قربان ٿي وڃ!“

موت مسئلو ناهي
مسئلو حياتي آ؛
پُرسڪون ڪيڏي آ
دُور جا مماتي آ!

ڪيترا نه ڏولاوا
مون هتي ڏٺا آهن،
زندگيءَ جا لمحا
پوءِ پڻ مڻيا آهن.

ڪنهن به ڪونه ڄاتو آ،
نيٺ انت ڇا آهي،
اختتام ڪاڻ اڳتي
ڪا به ابتدا آهي!

خون بها حياتيءَ جو
مون اڃان نه پاتو آ
ڪيترو ڪڏهن ملندو؟
هي به ڪونه ڄاتو آ.

مون ڪڏهن ڇني گل کي
پيتيو نه آ خود سان؛
جا سڳنڌ آ مون ۾
ڌار نانهه ٿاريءَ کان.

سنڌ کان سوا منهنجي
شاعري اجائي آ،
ڪائنات جي خوشبو
سنڌ ۾ سمائي آ.

هي شاعر جي لهرائن ٿا
هي جيڪي آداب عرض ڪن،
جن کي ڪوبه ضمير نه آهي—

سچ چوڻ کان ڪيٻائن ٿا
ڏاڍ ڏمر کان گهٻرائن ٿا،
بي ڏوهي کان داد گهرن ٿا
بي شرميءَ سان شرمائن ٿا،
ڪوڙ ڪوڙ تي جهُن ڪي ڪٿا
جن جي جهيلهه پڄي پوندي آ،
ڪنهن جي اوٻر ڏانهن نهاري
رڙهندا آهن پيٽ سهاري،
هي به ائين ڏي واجهائن ٿا
پنهنجي جهولي ڦهلائن ٿا—

هي شاعر جي ڪانئر آهن
جن ٻوليءَ جي سڳهه وڪي آ
جن کي ڪوبه ضمير نه آهي.

پنهنجي جيئري يارو
انقلاب اچڻو آ؛

ڪا تہ جنگ ٿيڻي آ
ڪوڙ جي نقيبن سان؛
چڻ وري گذرڻي آ
عمر تن عجيبن سان،

زندگي سڄي پنهنجي
جن ڪريڻن ۾ ڪاٽي آ،
جي سدا امر آهن
تن گهڙيڻ ۾ ڪاٽي آ،

چُپ چاپ رهڻ ڪيسين
خامشي عذاب آهي؛
موت کان بہ بدتر آ
زندگي عذاب آهي،

ان عذاب جو هاڻي
ڪو حساب اچڻو آ؛
پنهنجي جيئري يارو
انقلاب اچڻو آ،

پنهنجي نـاهـ پرائـي آهـي
پوءِ به ته ڪنهن جي چائي آهي!

هيءَ جا تنهنجي ڌيءَ نہ آهي،
هيءَ جا تنهنجي ماءُ نہ آهي،
ڪنهن جـي ڌيءَ تـہ آهـي
ڪنهن جـي ماءُ تـہ آهـي!

اِن ۾ ڪـائـي ممتـا آهـي
تنهنجي ماءُ جيان،
اِن ۾ ڪـائـي ميتـا آهـي
تنهنجي ڌيءُ جيان.

آدرياءُ ڪريـن شل اِن جـو
پنهنجي ماءُ ڏسي،
اُن جي سِر تي هـٿ ڌرين شل
پنهنجي ڌيءُ ڏسي!

هيءَ جا توسان پيار وندڙي تي
ڪـنڌ ڪلهي تي لاڙي پنهنجو
هيءَ جا توتي ڳاٽ رکي تي،

اهڙو ڪـي انسان تـہ آهـي ـ
رت ماس جـو ساڳو پتلو،

جهڙي تنهنجي مـاءُ هـجـي،
جهـڙي تنهنجي ڌيءَ هجي! ـــ

حڪمران ڪي ڪونه مڃون ٿا
پوءِ به اسان محڪوم ته آهيون؛
ظالم لاءِ تہ نفرت آهي
پوءِ بہ اسان مظلوم ته آهيون!
چانڊ جو ناڪاري پاسو
سو بہ ضروري آهي سائي،
هائيڊوڪاري پيٽرڪ بنان پر
چانڊ نہ پوري آهي سائي!
اڄ ڪان اڳتي ڇا ڪرڻو آ؟
اڄ ڪان اڳتي ڇا ٿيڻو آ؟
(اڳ تہ اسين نادان هياسين
هاڻي توکي ڇا ڏيڻو آ؟)
سچ لهي تو ڪاروڻڇهر تي
پوپيان مور ٺهوڪا ڪن ٿا؛
ڪيڏي ڪاري رات لٿي آ؟
پاڇا ڇا ڇا ڏيک ڏين ٿا!
اهڙي گهري انڌياري ۾
تون ڪوچنڊ اڀاري سگهندين؟
سڀ لٿو آ اڳتي ڏڪن ٿا
تون ڪو ٻارڻ ٻاري سگهندين؟
تون جو اڄ اڳواڻ بڻيو آن
سارو ڪوڙ مٽائي سگهندين؟
جا ڌرتي تو ڪالهہ وڃائي،
سا ڌرتي اڄ پائي سگهندين؟

تنهنجون گهليون ڳالهيون ڄڻ ڪي
ڪِڪِريءَ ڪاريون آهن؛
ڇِپَ پٿَرِي چرڙاٽ ڪري ٿي
اَپَ اُڏاريون آهن؛
آهه اِنهيءَ لئه ڇُپر ۾ آهيان
توکي رَدّ ڏيڻ جي چاهيان
شبدڪوش ۾ ٻولَ نه آهن
ڪچيون ڳاريون آهن!
ڪنهن تي سوچان؟ ڇا تي سوچان؟
جيڪي آهه رَدِي آهي؛
تو وٽ جيڪا نيڪي آهي،
منهنجي لاءِ بَدِي آهي؛
توکي تو جنهن وقت ٻُڌاِن مان
هڪڙي ڳالهه پڇڻ تو چاهيان،
ڪهڙيءَ دنيا ۾ گهاريون تا
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟

---

* شبدڪوش = ڊڪشنري، لغت

ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا
گهايل ڌرتيءَ جي سيني جيي
اهڙي ڳهري چيخ ٺين ٿا،
جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي،
جا دنيا کي بدلائي ٿي.

هاڻي سڄو ڀهاڻي نڪري
ڪاسٽرو جي ڪيوبا يانڪي *
ڪيڏي هيبت ساڻ ڏسن ٿا!
ڪيڏيءَ حسرت ساڻ - ڏسن ٿا!

---

* فدل ڪاسٽرو = ڪيوبا انقلابي مُنهندار
يانڪي = آمريڪي

ڪالهه جڏهن مون وارياسي ٽَمَ
ڳاڳيون، ڳَمَرَّ، ڳنڊيرير ڏٺيي،
سج جي پاڇي ڏانهن ڏٺو،
سونَ وَڌي ساواڻ هئي
مُنهن ڦيري جيڏانهن ڏٺو:

تيسين ٽهي تيڏانهن ڏٺو
سارو سج ٻڏي ويو جيسين
حسرت سان ڪنهن وقت فلسطين،
جئن ياسر عرفات ڏٺي،
ڇَپَّ ائين پيڪوڙي پنهنجا
سارا رتو رَتّ لڳن!

باک ڦٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو
’وڪٽر جارا‘ کي. *

هي جو چلّيءَ جو راڳي آ
منهنجي ڀاءُ جيان آ،
اُن جي ڏکيارِي ڌرتي جڻ
منهنجي ماءُ جيان آ.

سڀ انسان ڀڳا پيا آهن
ڏک جي ڪنهن رشتي ۾،
اهڙي ڳوڙهي ڳنڍ نه آهي
سک جي ڪنهن رشتي ۾.

هن جي ٻولي آءٌ نه ڄاڻان،
تو ڙي اُن جو درد سڃاڻان.

منهنجا گيت سمايل آهن
ڄڻ هُن جي ٻوليءَ ۾،
جيئن گهاوَ لڪايل آهن
ڄڻ هُن جي ٻوليءَ ۾.

سچ گڏيل ۾ آهي هن کي،
ٻول نه، شعلا آهن،
مون کي شڪ نه آ، هي منهنجن
گيتن جهڙا آهن.

* وڪٽر جارا (Victor Jara) = هسپانوي ٻوليءَ جو راڳي شاعر، جو چلّيءَ جو رهاڪو آهي.

اورنگيءَ ۾ فساد

اورنگيءَ جي چوراهي تي
دور جلايل بس جو دونهون
جنهن ۾ ڪجهه للڪارا آهن-
آسمان ۾ تارا آهن
جن جي ٽم ٽم لال لهوءَ ۾
ڌرتيءَ تي ڏيکاري ڏي ٿي-
ڪنهن جو لال لهو آهي هي؟
ڪالهه اِنهيءَ ٻاڪا جا رستا
ڪنهن معنيٰ جي لاءِ رڱيا ها-
معنيٰ، جا بي معنيٰ نڪتي،
۽ جنهن تي تاريخ جا طعنا
اڄ بندوقن جي ٻوليءَ ۾
(ٻولي جيڪا اُردو ناهي)
زور زور سان گونجن ٿا.

اپريل 1985ع

ڪنهن جو خون وهيو ڌرتيءَ ۾
او ڊاڍا؟
توکي ڪيئي سال مٽي ٿيا
روم روم مان تنهنجي نڪتا
جيڪي ڪيڙا
سي به مٽيءَ سان ميٽي ٿي ويا-
ڪالهه مگر تو ڌرتيءَ ۾
لڱ لڱ ساڳيءَ ورديءَ ۾
ساڳي هولي ڪيڏي!
توکي عمر ملي ڇو ايڏي
او ڊاڍا!
مون ته ٻڌو هو
”ظلم سدائين قائم آهي
ظالم قائم دائم ناهي“
ها، پر ظالم!
عمر درازيءَ ۾ تون سڀ ڪنهن
مات ڏئي ويو آهين!

ٿرڊ ڪلاس جي گاڏي ۾ هوءَ
ڇاتيءَ تان ڪجهه انگي ريڙهي
ٻار کي ٻُٻُّو ڏئي ٿي—
”ڍَڪ ڍَڪ هاٽي، ڍَڪ ڍَڪ هاٽي“
گاڏي ڇڻ ته ڇڪوي ٿي؛
آڏيءَ اکين ڏسي ٿي
هن جي پيءُ کان ٻوڙهو ماڻهو
مُڇون ڪوڙيل
— پر ڏاڙهيءَ سان ٻوڙهو ماڻهو،
ڇڻ نظرن جي آڱرين سان
هن جي ڇاتيءَ جي ڏانڊيءَ تان
گُل ڇني ٿو.

نظريا جن کي نظر ڪائي نہ آهي
جـي نـيـپـٽ نـابيـنِ آهـن،
توکـان تنهنجو خون ڇـاهن،
۽ ڏِئين تون!
سرخرو پنهنجي چريائيءَ تي ڏِٺين تون!
اوء مجنون!
تنهنجي ليلي قحبہ آهي!
قحبہ آهي!
قحبہ آهي!

ڳيرو،
ڳاڙها،
ڦڙ وارا
لفظ، اُنهن جي
پيشانيءَ تي
گهنج نه آهن،
منهنجي ڪوتا
تن کي امرتا
آڇي آهي،
اندرڌنش جئن
ڪوملتا، جا
اَنت سمي تائين هلڻي آ.

هي ڏيکارا
رنگا رنگ گلن جا ٻارا
چن تي موت جا پاڇا آهن!
ديوارن ۾ ڌڪا آهن،
لوڪ ٻچن تا
وڪ وڪ تي سٿڪا آهن،
ٺڪ اچن تا
ٻولن جا گرڙاٽ آڙي ڙي!
ماٺيوٽڙن جا
رستن تي رانپاٽ آڙي ڙي!
پيگ پيگ لاشا
تن جا لاڙيل گاٽ آڙي ڙي!
۽ پوءِ مات جگن جي آهي....
هاڻي آچنگارن ۾ ڇاهي؟
ديس آها ڳاڙهي آ جنهن جو
ڦيٿو ڦيٿو ڏار ٻيو آ.

ماڻهو سڀ هڪجهڙا آهن-
هر ماڻهوءَ کي بُکَ لڳي ٿي،
هر ماڻهوءَ کي اُڃَ لڳي ٿي،
پيار ڀنان چڙ هر ماڻهوءَ کي
ساري دنيا سڄ لڳي ٿي؛

توڙي تن جي قوم الڳ آ
توڙي تن جو رنگ الڳ آ
توڙي تن جا ٻوليءَ نه ساڳيا
توڙي سڀ جو سنگ الڳ آ
ماڻهو سڀ هڪجهڙا آهن-

هيءَ ٻه حقيقت آهي ليڪن
ڪي ماڻهوءَ جو روپ رکن ٿا
سچ تهِ شڪاري ڪتا آهن
ڪارا توڙي اڇا، تن کي
هڪجهڙا ڪاٽيندا آهن؛

اڇا ڪتا ڪارا ڪتا
آپي شاهيءَ وارا ڪتا
فوجيورديءَ وارا ڪتا،
سارا پونجيءَ وارا ڪتا،
ها، ها، سڀ هڪجهڙا آهن.

دهشت پسند جو موت

پنهنجي ڪلاشنڪوف کي
ايڏي ساري خوف کي
ويڙهي، مٿي هيٺان رکي
ستو آ هو.
چپ چاپ پيري ٿا اچن
وڏرڊن سيان ويري ٿيا اچن
ڦرتي سنگهي ٿو موت جو
ڪارو ڪتو.
گولي چٽي گذرات سان،
لڙي لئه ولاري لاٽ سان،
شعلو هوا مان اوچتو
هن ۾ ڪتو.
هن موت کان معني مڱي
آ رت جي رومي چڱي،
گوڙها ته ڪجهه ناهن، رڳو
پاڻي ته هو.

اڄ تن جي بندوقن مان
ڪيئي ڪيرڙ ڪڪوريا آهن
ڪيئي ڪنيڊا موريا آهن
لفظ صفحن تان موڙ منڪ ڌي
مٿن مٿان مٿ ماتا آهن،
لال لهوءَ ۾ لويل گهوڙن
چا چا سهرا پاتا آهن!

چوڏاري جهرجهنگ پرن تا
چنگ چپن جو چوڙيا آهن،
موت، آمڙ جي لوليءَ وانگر
ڪنهن پاجهاري پوليءَ وانگر،
ننڊ هندوري وانگر تن جي
ديس مٿان جي گهوريا آهن.
ڪيڏا سپنا ٽڪتا آهن
اڄ تن وڙيل صندوقن مان!

هي وڻ، جو ڪجھ نِوڙي پيو آ
مٿِهه وڏي ڇڻ واچوڙي سان
ٽُڪجي پيو آ—
سِڄُ" آنهيءَ کي اڄ ڇنڊڻ ڪاڻ
ڇڻُ تہ ڇڪي ٿو
ڇڻ تہ ڇوي ٿو،
"تياري ڪر طوفان اچي ٿو
"ڪو اُوکو امڪان اچي ٿو."

وڻ ٻہ ساڳيو واس ٻہ ساڳيو
مِڻ ٻہ ساڳيو ماس ٻہ ساڳيو
ڌرتي ۽ آڪاس ٻہ ساڳيو
اُڏو آتھاس ٻہ ساڳيو
پنھنجو جيءَ جياپو ساڳيو
پنھنجو ناس وِناس بہ ساڳيو

ھڪٻئي کي ڇا لاءِ مٽايون؟
ھڪٻئي سان گڏ ڇو نہ جيون ٿا؟
ھڪٻئي جو ھٿ ڇونہ وٺون ٿا؟
ھڪٻئي کي سڏ ڇو نہ ڏيون ٿا؟
ٻڌو ساگر جا ٻول ڏسي ٻيي
ھڪٻئي جو مڏ ڇو نہ ٿيون ٿا؟

ھڪٻئي سان گڏ ڇونہ جيون ٿا؟
ھڪٻئي کي سڏ ڇونہ ڏيون ٿا؟
ھڪٻئي جو مڏ ڇو نہ ٿيون ٿا؟

فاشي فوج جي شڪست

هُو آپاڌيل ۽ آپالا ٿا اچن
لڙڪ ڳاڙائيندا اچن ٿا
ٿيڙ ڪائيندا اچن ٿا
راهه تي ڪيڏا رسالا ٿا اچن!

ڪيتري آڪڙ ڪندا هئا!
ڪيتري ٻَڙ ٻَڙ ڪندا هئا!
مورڪائيءَ جا نوالا ٿا اچن!

چا سپاهيءَ هار پنهنجي
ياد رکبندا مار پنهنجي؟
ڪيترو مايوس سالا ٿا اچن!

عمر گذري وئي،
ڏکڻ ھن ديس جا
اڄ به ساڳيا ھئا
جي ھئا مون ڏٺا
سال چاليھ اڳ
ٽيھ يا ويھ اڳ،
ڪو به ڦيرو نه آ
ديس جي دانهن ۾!

امن جي فاختہ
پرشڪستہ، اڏري
ڇڄ سڳهڙي ڪانھ تي؛
اڄ به ساڳيا جهنڊا
ٿا ھوا ۾ جهلن،
اڄ به ساڳيا ڪنڊا
راھ ۾ ٿا چڀن؛

اڄ به ديوار آھي، اڳهڙي ڪان وڏي
ڪانھ آھي سگهيو ڪو به جيڪا ٽپي؛
اجنبي، اجنبي آدمي ٿا ملن
اجنبي گهور سان راھ تي ٿا ڪيلن!

ماڻهو ڪونه آ،
ماڻهپي جو ڏکر
هيٺ ھن ديس ۾
اڳ پيو ڪونہ آ!

انقلابي ٽُو!
اڄ تہ هن ديس جو
سڏ ورڻائيو!
سڏ تي آءٌ ڪيسين اڪيلو وڃان؟
گڏ ورڻائيو!
گـڏ ورڻائيو!
سـڏ ورڻائيو!
سـڏ ورڻائيو!

جيءَ جي جلاوطني
ڪيتري ٻري آهي!
چڻ ته ڪا ڇري آهي
اندريون وڍيءَ تي جا،
ديس منجهه هوندي چڻ
ديس مان ڪڍي تي جاء

جيءَ جي جلاوطني
پاڻ ڪنهن گهري آهي!

ڇا ڪري اگر ماڻهو
ديس ۾ وديسي آ!
وس ۾ اڻ تي ڪهڙو
ڳالهه ٿي ته اهڙي آ!
ڪيترو ڪري آهي!

جيءَ جي جلاوطني
ڪيتري ٻري آهي!

هو سڀ آڏيءَ رات آچڻ تا،
مڱرمانَ تي ناچُ نچڻ تا.

مڱرمانَ جي چمڙي هيٺان
تن جون ڪيئي پيڙهيون آهن،
هڪڙيون پويان، سيڙهيون آهن
تن تي گڏجي هيٺ لهن تا،
دودي ٿائين، ٻاگهيءَ ٿائين—
ڪنڌَ ڪنڌ ۾ ديپَ جلن تا،
مڱرمانَ تي ناچُ نچڻ تا.

جيڪي ڪالهه انهيءَ ڌرتيءَ تي
ماريا ويا ها، سيَ ٻه اڄ تا،
۽ پوءِ پنهنجي پيرَن هيٺان
لاشُ چنيسرَ جو چيپاڙي
چاڙي ڪولي، اوچي گهاٽي
ڏاڪولن سان ٺڪ ٺڪ ڪن تا
مڱرمانَ تي ناچُ نچڻ تا.

رات جي سياهيءَ ۾
روشنيءَ جي جهرمر آ،

ڪيترا نوان ماڻهو
سڄ ڏي وڃن ٿا پيا
چڙهي پتنگ آهن جي
مڇ ڏي وڃن ٿا پيا؛

ڪُوڙ جا نوان حربا
ڪم نه ٿا اچن هاڻي
ڪوڙ سان نوان شعلا
ڪونه ٿا مچن هاڻي؛

ڪوڙ جا حواري سڀ
روز و شب ٻَڪن ٿا پيا
آدمي انهن ڪان پَر
ڪونه اڄ ڏَڪن ٿا پيا؛

تون اڪيلڙي اي دل
ڪيترو وڙهي آهين!
راهه تي اڳي ڪان تون
ڪيترو رڙهي آهين؟

پيا ٻه ٿا وڃن هاڻي
ڪيترا قدم اي دل!
واهه ۾ پيا ڦرڪن
ڪيترا علم اي دل!

وکٽ وکٽ ۾ تن سان
جيڪڏهن هلي هلندينءَ،
منزلون وڏيون ملنديون
تون جڏهن هلي هلندينءَ.

گيت ٻه چنڊ گوريلا آهن،
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

جڏهن جڏهن جاڙ وڏي ٿي جڳ ۾
هو ٻوليءَ جهڙي آڙ ڇڏين ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا
موٽي منجهه پهاڙ ڇڏين ٿا؛

ڪيڏي تيرڇي تاڙ رکن ٿا
اُتر اوڀر لاڙ ڇڏين ٿا؛
ساوڻ سنگ وسن ٿا ڏاڍو،
بادل تي آڪاڙ ڇڏين ٿا.

ڪالهه هيا جي سرخ گلن جئن
اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيت ٻه چنڊ گوريلا آهن
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

جوت ٻرندي رهي
رات ٽرندي رهي....

ٻاڪٽ جي ساڪٽ مان اڄ ڏئي ٿو وڇان!
اڄ ڇئي ٿو وڇان
"سڄ" لالاڻ سان
"مڌ" ريٿي جيان
"نيٺ سنڌوءَ مٿان
"آپرندو ساٿيو!" مان ڇئي ٿو وڇان،
ٻاڪ جي ساڪ مان اڄ ڏئي ٿو وڇان.

هانءُ هاريو مٿان!
پير اڳٿي اڇان....
نيرُ نپٽان اُڳهو
پنڌ ويجهو پيو آهه، آن ٻاڪ جو،
گيتُ منهنجي ڪٿي
آهه جا اڳڪٿي
تنهن انوکيءَ صدا جي سچيءَ ساڪ جو.

ڀلنامو

صفحو	سٽر	غلط	صحيح
15	3	ڪيڄ	ڪَڄ
25	13	ڏم لاڙ	ٿم لاڙ
52	4	ٻه ٿنهنجو	ٻه ٿم ٿنهنجو
91	1	اڏارت	اڏ رات
91	6	پارن	يارن
93	4	ٿو ڏادي	ٿون ڏادي
94	1	ٿو	ٿو ڪي
104	2	دوہ ياهه	درياهه ۾
116	10	زنجيرن	زنجيرون
129	13	چڙ چڙ	چڙ پڙ
162	10	ڪيتن	ڪيت
171	آخري	سمنڊ	سنڌ
208	14	چاهيان	چاهيان

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪانئُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِه ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ٿائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ٿائي ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوِ، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اٽَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)